

سرگ جي گولها
(ناول)
موهن ڪلپنا
ناري پبليڪيشن

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ پهريون ناول

# سرڳ جي ڳولها

(ناول)

## موهن ڪلپنا

ناري پبليڪيشن
ناري ميڊيا سينٽر
443/3 صدر حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ناري پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر اٺونجاهون

ڪتاب جو نالو: سرڳ جي ڳولها
موضوع: ناول
لکيڪ: موهن ڪلپنا
ڇاپو پهريون: ميرج ساهت مالها، ڪلياڻ، بمبئي
ڇاپو ٻيو: سنه ۾ 1989ع
ڇاپو ٽيون: آڪٽوبر 2016ع
ٽائيٽل ڊزائن: مور ساگر
لي آئوٽ: جهانزيب علي جوڻيجو
ڇپيندڙ: ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 03332634650
ڇپائيندڙ: نذير ناز
پاران: ناري پبلڪيشن / ناري ميڊيا سينٽر 443/3
صدر حيدرآباد سنڌ
فون: 2731165
قيمت: 50 روپيا

”ايملي“ جي فرينچ ليکڪ جي روسو
”شيڪر: ايڪ جيوني“ جي هندي ليکڪ اڳيه ءِ
سنڌي ليکڪ ڪرشن راهيءَ ِ کي.

موهن ڪلپنا

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"سرگ جي ڳولها"** اوهان اڳيان حاضر ڪجي ٿو. سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ لکيل هن پهرين سنڌي ناول جو ليکڪ سدا حيات **موهن ڪلپنا** آهي.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي ڪوڙ ماڻهو اسان ڏانهن خط ۽ برقي نياپا موڪلي رهيا آهن تہ ٻارن لاءِ وڌيڪ ڪتاب اپلوڊ ڪيو. موهن ڪلپنا جو هي ناول ان طرف هڪ وک آهي. ٻاراڻي ادب جو اسان جي لکڻ ۽ پڙهڻ سان ڳنڍ شعوري سوچ جي اوسر ۾ اهم ڪردار رهي ٿو.

هي ناول پهريون دفعو 1958ع ۾ هند ۾ ڇپيو ان کانپوءِ 1981ع ۾ ان جو ٻيو ايڊيشن ڇپيو. سنڌ ۾ هي ناول 1989ع ۾ ڇپيو. هاڻي هي ڪتاب **ناري پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2016ع ۾ ساحل پرنٽرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو آهي. لک ٿورا پياري مور ساگر جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون ناري پبليڪيشن جي سائنڻ نذير ناز جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# منهنجي سوچ

ٻارو! ناري پبليڪيشن طرفان اوهان لاءِ هند ۾ سنڌ جي برک ليکڪ موهن ڪلپنا جو ٻارن لاءِ لکيل ناول ”سرڳ جي ڳولها“ پيش ڪري رهيا آهيون، هي هڪ بهترين ناول آهي. پڪَ اوهان کي پسند ايندو.

پيارا ٻارو! ناري پاران ٻارن لاءِ ان ڪري سنڌيءَ ۾ ڪتاب شايع ڪري رهيا آهيون. جيئن اوهان کي پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ٿئي، اوهان سنڌي ٻولي لکو، اهڙا ڪتاب پڙهڻ سان توهان ۾ ادبي ذوق پيدا ٿيندو، اوهان جي ذهني نشو نما ۾ بهتري ايندي، اوهان ۾ پنهنجو مقصد يا پنهنجا مطالبا پيش ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي. ڳالهائڻ ۾ تقرير ڪرڻ جو انداز ايندو.

ٻارو! پنهنجي ٻولي سان پيار ڪريو. استاد بخاري جيئن چيو آهي.

سنڌي آهي تنهنجي ٻوليءَ،
سنڌي آهي منهنجي ٻوليءَ،
تنهنجي ٻوليءَ، منهنجي ٻوليءَ.

ٻارو! مونکي اوهان جي خطن جو انتظار رهندو. خط پنهنجي امڙ جي ٻوليءَ ۾ لکو اسين جواب ماءُ جي ٻولي ۾ ڏينداسين.

اوهانجي پنهنجي

**نذير ناز**

حيدرآباد، 2016ع

## باب پهريون

# سرڳ جي ڳالهہ

سرڳ جو نالو ڪنهن نہ ٻڌو هوندو؟ چوندا آهن جو انسان هن دنيا ۾ چار چڱا ڪم ڪندو آهي، پڄاڻان ان کي سرڳ ۾ موڪليندو آهي. سرڳ جي باري ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اتي کير ۽ ماکيءَ جون نديون آهن. شيشي جا رستا ۽ سنگ مرمر جا محل آهن. سونا پلنگ، سونيون پينگهون، ريشمي بستر ۽ ڪپڙا آهن، اُتي طرح طرح جا سُٺا ماٺهو ۽ قسمين قسمين جا پکي هوندا آهن. جانور تہ اتي ٿين ئي ڪونہ. شايد پاڻيءَ ۾ مڇيون بہ ڪا نہ ٿين. ڪتا، جي مالڪ سان وفادار رهندا آهن، گهوڙا، جي گاڏيون هلائيندا آهن، جن تي چڙهي ماڻهو ڪڏهن لڙائي بہ ڪندا آهن، ڍڳا، جن سان هر ڪاهيو ويندو آهي، اُتي ٿين ئي ڪونہ. رڇ، ٻولڙا، جن کي بازيگر گهٽين ۾ نچائي ٻارن کي خوش ڪندا آهن، اهي بہ اُتي ڪو نہ ٿين. اُتي اَمرت جا تلاءَ هوندا آهن، جن ۾ هنس پکي ۽ ڳاڙها، پيلا ۽ اَڇا ڪنول گل هوندا آهن.

اُتي هڪ عجيب وڻ آهي، جنهن جو نالو آهي ”ڪلپ وڻ“ يعني ان کان جو گهربو آهي سو ملندو آهي.

هتي وانگر ماڻهو اُتي بک کو نہ مرن. اَڌ اُگهاڙا ڪو نہ گُهمن. بيمار ڪو نہ ٿين. اتي ڪيترا بہ گناه يا پاپ ڪريئيءَ ڪو نہ. ڀلا سرڳ جا ماڻهو گناه ڇو ڪندا... ماڻهوءَ کي کائڻ لاءِ ان، پهرڻ لاءِ ڪپڙا ۽ رهڻ لاءِ جڳهہ ۽ حياتيءَ جون ٻيون ضروري شيون ملن تہ گناهہ ڇو ڪن. ماڻهو گناهہ بک جي ڪري، دک جي ڪري ڪندا آهن. سرڳ ۾ سڀني کي سک هوندو آهي. ان ڪري مزي جي ڳالهہ اها آهي جو اتي جيل، ڪورٽون، پوليس وارا وغيره ٿين ئي ڪونہ.

جي ماڻهو سرڳ ۾ رهندا آهن، انهن کي ديوتا چئبو آهي ۽ ديوتا نہ

ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، نہ ڪنهن کي گاريون ڏيندا آهن. هر ڪو هڪ ٻئي جي عزت ڪندو آهي ۽ ان ڪري اُتي لڙايون جهڳڙا تين ئي ڪو نہ. بس، جتي ڪٿي ناچ، گانا، پاٺ پوڄائون، يگيہ هون، راس-ليلائون لڳيون پيون هونديون آهن.

چوندا آهن ڀڳوان خود سرڳ جو راجا آهي.

پر سرڳ ڪنهن ڏٺو آهي؟

ها، هن آڪاٽيءَ جي بهادر ٻار سرگم سرڳ ڏٺو آهي. پر اُهو سرڳ اهڙو ڪونهي، جو ڏاڏي پوٽي کي، ماءُ پٽ کي يا ڪتاب اسان کي ٻڌائيندا آهن. اُهو سرڳ گهڻو ڦريل آهي. جيئن ستي ساوتريءَ پنهنجي پتي ستيوان جي حياتي بچائڻ لاءِ ڪال ديوتا سان لڙائي ڪئي هئي، تيئن سرگم پنهنجي پيڻ بينا جي حياتي بچائڻ لاءِ ڀڳوان وٽ سرڳ تائين ڪاهي ويو. متان ڀڳوان هن جي وينتي نہ مڃي، ان ڪري چڊيءَ ۾ ياڄيون وڍڻ وارو ڪپ بہ کڻي ويو تہ هو ڀڳوان کي ڏڪائي پنهنجي ڳالهہ مڃائيندو.

## باب پهريون

# سرگم جي واقفيت

سرگم کي سوچڻ جي عادت گهٽي هئي ۽ بينا کي کلڻ جي. سرگم جو ڪجهه سوچيندو، اُهو پيءُ بينا کي ٻڌائيندو هو ۽ بينبا پاڻ جون عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌي زور سان ٺهڪ ڏيئي کلندي هئي. بينا جي عمر ڏهه سال هئي ۽ سرگم جي اَٺ. ٻئي نيتا جي اسڪول ۾ پڙهندا هئا، بينا چوٿين درجي ۾ هئي ۽ سرگم ٽئين ۾.

سرگم ۽ بينا جو پيءُ هڪ ٻئي اسڪول ۾ ماستر هو. هن پنهنجي ٻنهي ٻارن کي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لاءِ آزادي ڏيئي ڇڏي هئي ۽ ٻنهي جي ماءُ به ڪڏهن هنن کي ڪجهه نه چوندي هئي. ماءُ پيءُ جي ان آزاديءَ سبب ٻئي گهمڻ جا ڏاڍا شوقين ٿي پيا. شهر ۾ جيڪڏهن ڪو جادوگر يا بازيگر آيل هوندو ته سرگم اسڪول مان بينا جا ڪتاب کڻي ڀڄندو ۽ بينا "بيهه سرگم، بيهه سرگم،" چوندي اُن جي پٺيان ڀڄندي ويندي هئي. ڪنهن کي به خبر ڪونه پوندي ته ٻئي ٻڌي ڪري ايئن ڀڄندا هئا.

هڪ دفعي بينا جي ماستر سرگم کي پڪڙي ورتو. اکيون لال ڪندي چيائينس، "چو ري، ڪتاب کڻي چو ٿو ڀڄين."

سرگم ٻانهن ڇڏائي چيو: "سائين، پنهنجي پيڻ جا ڪتاب ٿو کڻان، توهان جا نٿو کڻان."

ڪڙڪ جواب ٻڌي ماستر حيران ٿي ويو.

اهو ڏسي بينا کلڻ لڳي.

ماستر بينا ڏانهن منهن ڪري چيو: "چو ري، تون چو ٿي کلين؟"

بينا مشڪي چيو: "سائين توهان تي نٿي کلان. مون کي سرگم تي هيمشه کل ايندي آهي."

ٻارن جون اِهي ڳالهيون ٻڌي ماستر بہ کلڻ لڳو. پر پوءِ سرگم ڏانهن منهن ڪري چيائين: ”تڏهن بہ توهان کي ايئن ڪرڻ نہ گهرجي.“

سرگم عزت سان چيو: ”سائين، توهان کي خبر آهي تہ اڄ شهر ۾ هاسانند جادوگر آيو آهي. وينس سئنيما ۾ هن جو پروگرام آهي.“

ماستر گنڀير ٿي چيو: ”هاسانند جادوگر آيو آهي تہ پوءِ مان ڇا ڪريان.“

سرگم ماکيءَ کان بہ مٺي آواز ۾ چيو: ”سائين پوءِ جيڪڏهن هاسانند جادوگر کي اسڪول ۾ گهرايو تہ اسين اسڪول مان ڇو ڀڄون.“

ماستر چيو: ”ٻيو ڪجهہ چوڻو اٿئي؟“

سرگم چيو: ”توهين جيڪڏهن اسڪول ۾ جبل ٺهرايو تہ اسين جبلن تي ڇو گهمڻ وڃون.“

ماستر کلي چيو: ”تون تہ صفا ڀُڳهيلو آهين. ڀلا ڪڏهن اسڪول ۾ بہ جبل ٺهيا آهن.“

سرگم ٺهہ پهہ وراڻيو: ”نہ تہ ڀلا توهين جبلن تي اسڪول ڇو نٿا ٺهرايو مٿي مٿي، سيني کان مٿي. جيئن آسمان سان ڳالهيون ڪري سگهجن. پکين جون ڳالهيون ٻڌي سگهجن. سج کي لهندو ڏسي سگهجي.“

ماستر اکيون ڦاڙي سرگم کي ڏسندو رهيو. سرگم جو حوصلو وڌي ويو. چيائين: ”سائين، اسڪول ۾ تہ رڳو نقشا ئي نقشا آهن. نقشن ۾ صرف شهرن، جبلن ۽ ندين جا نالا آهن. نقشن ۾ شهر جبل يا نديون تہ آهن ڪو نہ مان نقشن ۾ اڏ اڏ ڪلاڪ نهاريندو آهيان پر مون کي ماٺهو تہ ڇا پر هڪ پکي بہ نظر نہ ايندو آهي.“

ماستر چيو: ”تون تہ عجيب آهين؟“

سرگم کلي چيو: ”سائين، مون کي اها ڳالهہ تہ دادا ٻن سالن کان چوندو آهي.“

”کهڙي ڳالهہ؟“ ماستر پڇيو.

”تہ مان عجيب آهيان.“ سرگم چيو.

هڪ منٽ جي اندر ماستر هڪ ڳالهہ سوچي ورتي. سرگم جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين: ”ٻڌ سرگم، اسين جيڪڏهن اڄ سڄي ڪلاس سان هاسانند جادوگر جو جادو ڏسڻ هلون تہ؟“

”تہ ڇا!“ سرگم چيو: ”توهان جو ڪلاس تہ چوٿين درجي جو آهي ۽

مان ته رڳو ٽيون درجو پڙهندو آهيان.“

ماستر ڪيس ڳراٽڙي پائي چيو: ”چڱو اڄ ڪان تون چوٿون پڙهندين؟“

سرگم سوچڻ لڳو. پوءِ مشڪندي چيائين: ”نه سائين بينا مون ڪان ٻه سال وڏي آهي. اُن ڪي ته مون ڪان گهٽ ۾ گهٽ هڪ درجو مٿي پڙهڻ گهرجي.“

ماستر چيو: ”چڱو توهان هاڻ پنهنجن ڪلاسن ۾ وڃو. مان سڏو هيڊ ماستر وٽ ٿو وڃان. اڄ هيئنئر ئي موڪل جو گهنڊ هڻايون پوءِ جن ڪي هاسانند جادوگر جو جادو ڏسڻو هجي اُهي مون وٽ اچن.“

## باب ٽيون

# سرگم شايد جادوگر ٿئي

اُن ڏينهن وينس سئنيما ۾ هاسانند جادوگر پنهنجي جادوءَ سان ماڻهن ڪي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. سرگم، بينا، ماستر ۽ ٻيا ڇوڪرا، جيڪي جادو ڏسڻ ويا هئا، اُهي گهڙي گهڙي تاڙيون وڄائي رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن ساڳي ماستر اسڪول جي هال ۾ سڀني ڇوڪرن کي گڏ ڪري چيو: ”ٻڌايو تہ توهان وڏي هوندي ڇا ٿيندا.“

هڪ وڏي ڇوڪري اُٿي بيهي چيو: ”سائين مان مهاتما گانڌي ٿيندس.“

ماستر پڇيس: ”ڇو؟“

ڇوڪري چيو: ”مهاتما گانڌيءَ لاءِ منهنجي پيءُ کي ڏاڍي عزت آهي، ان ڪري مان مهاتما گانڌي ٿيندس. جيئن ٻين ڇوڪرن جا پيئر منهنجي عزت ڪن.“

سڀني کلي ڏنو.

هڪ ٻئي ڇوڪري چيو: ”مان جواهر لعل نهرو ٿيندس.“

ماستر پڇيو: ”ڇو؟“

ڇوڪري چيو: ”ڇو جو مهاتما گانڌيءَ وانگر هن بہ دنيا جي شيوا ڪئي آهي. مان بہ شيوا ڪرڻ چاهيان ٿو.“

ماستر هاڻ سرگم ڏانهن نهاريو. سرگم مشڪندي بينا ڏانهن نهاري رهيو. ماستر بينا کان پڇيو ”بينا، تون ڇا ٿيندينءَ؟“

بينا چيو: ”مان سباش چندر بوس ٿيندس.“

ماستر ءِ هوشيار شاگردن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. بينا سرگم ڏانهن نهاريو. ڏنائين ته سرگم به کلي رهيو هو.

ماستر چيو: ”بينا، سباش، چندر بوس ته مرد هو ءِ تون... تون ته ڇوڪري آهين.“

وري به سڀني کليو.

بينا ننڍو منهن ڪري چيو: ”پوءِ توهان جو اُن ڏينهن چيو ته جهانسيءَ جي راڻي لڪشمي ٻائي مردن جيان انگريزن سان لڙي هئي. سباش چندر بوس به ته انگريزن سان لڙيو هو. پوءِ مان به مرد بڻجي لڙي نٿي سگهان؟“

اتي سرگم اٿي چيو: ”پر بينا، تون ڪنهن سان لڙندينءَ مونسان؟“

وري به چوڌاري ٺهڪڙو مچي ويو.

بينا روئڻ جهڙي شڪل ڪري ويهي رهي.

هاڻ ماستر سرگم کان پڇيو: ”ٻڌاءِ، تون ڇا ٿيندين سرگم.“

سرگم کلي چيو: ”سائين مان ته چريو آهيان.“

وري به سڀ کلڻ لڳا.

ماستر گنڀير ٿي پڇيس: ”اِهو توکي ڪنهن چيو؟“

”سائين، ڪلهه توهان ئي چيو هو.“

وري به ٺهڪڙو مچي ويو. هاڻ بينا به کلي رهي هئي.

ماستر چيو: ”نه، تون چريو ڪو نه آهين. تون سڀني کان سمجهندار آهين.“

سرگم چيو: ”ته پوءِ ٻڌايان.“

ماستر چيو: ”ٻڌاءِ.“

سرگم چيو: ”سائين، مان هاسانند جادوگر ٿيندس.“

هاڻ ڪير به ڪونه کليو.

”ڇو؟“ ريئي مان به ربيا، ٻن رومالن مان هڪ رومال ڪندين ماڻهن کي بيوقوف بڻائيندين.“

”نه سائين.“ سرگم چيو: ”مان جادوءَ جي طاقت سان شهر جا پراڻا رستا نوان ڪندس. مان جادوءَ سان ماڻهون جي گهرن جون پڳل ڇتيون ٺيڪ

ڪرائيندس. جيڪي ماڻهو گاريون ڪيندا، مان جادوءَ سان انهن کي گونگو ٻڻائيندس ۽ مان جادوءَ جو غاليچو ٺاهي آسمان ۾ اُڏامندس. ڪڪرن کي وچي پڪڙيندس. چنڊ سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندس. جادوءَ سان ڪڏهن پکي ٻڻجي، پکين سان گڏ اُڏامندس. ڪڏهن ٻلي ٻڻجي گهر مان ڪوئن کي ٻاهر ڀڄائيندس. مان اسڪولن ۾ جبل ٺهرائيندس. مان نقشن ۾ ماڻهن کي وهاريندس... مان... مان... مان هاسانند جادوگر ٿيندس... مان جادوءَ جي طاقت سان سيني کي نچائيندس. مان پاڻ به نچندس. مان سج کي چنڊ ۽ چنڊ کي سج ٻڻائي ڇڏيندس، پوءِ سج رات جو نڪرندو ۽ چنڊ ڏينهن جو..."

سڀ ماستر کلي اونڌا ٿيڻ لڳا.

وري به ماستر چيو: "اِهي سڀ ڪم ته رڳو ڀڳوان ڪري سگهي ٿو."

"ته پوءِ مان ڀڳوان ٿيندس." سرگم چيو.

هاڻ ته ڇوڪرن به کليو سرگم ڏنو ته ڇوڪريون به کلي رهيون هيون. پر هاڻ بينا چپ هئي. هن ڏاڍي ڏيان سان پنهنجي ياءُ جون ڳالهيون ٿي ٻڌيون.

ماستر پڇيس، "پر تون ڀڳوان ٿيندين ڪيئن؟"

سرگم چيو: "اون تي مون اجا سوچيو ٿورئي آهي."

ماستر چيو: "ڀلا سوچي اسان کي ٻڌائيندين."

"نه سائين." سرگم چيو: "متان توهان ڀڳوان ٿي وڃو ته؟"

ماستر کو به جواب نه ڏنو.

ٿوري وقت کان پوءِ سرگم کي هڪ ڪتاب انعام ڏنو ويو. ڪتاب جو نالو هو: ستي ساوتري.

ଓ

## باب چوٿون

# سرگم جو ماءُ کي منجهائڻ

ٻئي ڀاءُ ڀيڻ جڏهن گهر موٽيا، تڏهن کين خبر پيئي ته هنن جي پاسي ۾ رهندڙ گوڪل-پيءُ گذاري ويو هو. گوڪل-پيءُ ڇهن مهينن کان بيمار هو. هن جي گذاري وڃڻ ڪري هن جي گهر ۾ رودن پٽڪو مچي ويو هو.

سرگم چيو: ”ماڻهو روئن ڇو ٿا؟“

”گوڪل-پيءُ مري ويو آهي.“

”پوءِ ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”گوڪل-پيءُ وري واپس ڪو نه ايندو.“ بينا چيو.

سرگم پٽ تي تنگيل آرسيءَ ۾ شڪل ڏسندي چيو: ”پرو به ويو ڪيڏانهن آهي؟“

بينا، جاري تان ڦڙوتو کڻي هن جي سينڌ ڪڍندي چيو: ”ڇيم نه مري ويو آهي.“

سرگم نرڙ ۾ گهنج ڏاهي ڪجهه سوچڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ يڪدم پاسي واري گهر ۾ ويو ۽ پوءِ يڪدم موٽي آيو. ڀيڻ کي چيائين: ”بينا، گوڪل-پيءُ اکيون ٻوٽي مري ويو آهي. اسين اکيون کولي مرنداسين.“

”ڇو؟“ بينا پڇيو.

”جيئن اسين ٻين کي روئيندو ڏسي سگهون.“ سرگم چيو.

”چريو!“ ايئن چئي بينا کلڻ لڳي.

سرگم جوش ۾ ٿورو لال ٿي چيو: ”چو مان چو چريو آهيان. چريو ته گوڪل پيءُ آهي. هيترا ماڻهو روئن ٿا، تڏهن به اکيون نٿو کولي. مان روئان ته دادا مون کي کيل تي وٺي هلن. آئسڪريم کارائين. خرچي ڏين ۽ رات جو ياڪر پائي سمهارين. ڏس نه، گوڪل ڪيترو روئي ويٺو پر هن جو پيءُ ته ڳالهائي به نٿو.“

سرگم جي ماءُ پاسي واري گهر ۾ ويئي هئي. اُها جڏهن آئي تڏهن سرگم پڇيس: ”پاپي“ ماڻهو مرڻ کان پوءِ ڪيڏانهن ويندو آهي؟“

”سرگ ۾.“

”سرڳ ڪٿي آهي؟“

”آسمان ۾.“ پاپيءَ چيو.

”آسمان ۾ ته سج، چنڊ، تارا آهن، ۽ ڪڪر آهن، سرڳ ڪهڙي هنڌ آهي؟“ سرگم پڇيو.

”مون ٿورئي سرڳ ڏٺو آهي.“ پاپيءَ چيو: مون رڳو ٻڌو آهي ته سرڳ آسمان ۾ آهي؟“

”پلا سرڳ ۾ ڇا ڇا هوندو آهي؟“

”دنيا ۾ جيڪي سٺيون ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، اُهي سڀ اُتي ٿينديون آهن. اُتي ڪنهن کي دک روڳ ٿئي ئي ڪونه. اُتي آرام ئي آرام آهي. تون پاڻي گهرندين ته شربت ملندءِ ۽ پئسو گهرندين ته رپيو ملندءِ. اُتي اسڪول به ڪونه ٿين. ماڻهو رڳو گهمن ڦرن، نچن ڳائين.“

سرگم پڇيو: ”پوءِ ته گوڪل پيءُ مزي ۾ هوندو.“

”ها،“ پاپيءَ جو.

”پوءِ جڏهن هو مزي ۾ آهي تڏهن هن جا مائٽ روئن ڇو ٿا؟“

سرگم بيوقوفن جهڙي شڪل بڻائي چيو: ”ماڻهو دک ڇو ٿا ڪن؟ نه نه پاڻ سرڳ ۾ نٿا وڃن؟“

پاپيءَ ناراض ٿي چيو: ”سرگم تون ڏاڍو بڪبڪيو ٿي پيو آهين. پلا مان جيڪڏهن مري وڃان ته تون ڪونه روئيندينءَ؟“

”پلا تون ڇو مرندينءَ پلا اڳ ۾ ڪڏهن تون مئي آهين جو هاڻ مرندينءَ.“ سرگم چيو: ”۽ پاپي مون ٻڌو آهي ته سرڳ ۾ سونيون پينگهون به ٿينديون آهن، پر ان مان توکي ڪهڙو فائدو؟ پينگهن ۾ ته ٻار چڙهندا آهن،

تون تہ وڏي جيڪر گهر ۾ پينگهہ ٺاهي نہ لڏين؟. ۽ پاپي ماڻهو سرڳ ۾ نچندا چو آهن. گوڪل پيءُ تہ ڪڏهن راڳ بہ ڪو نہ ڳائيندو هو، اُهو ڪيئن اُتي نچندو.“

پاپي چپ چاپ هن جو منهن تڪڻ لڳي.

سرگم چوندو رهيو، ”تون چوين ٿي اُتي اسڪول ڪو نہ ٿين. اُن مان گوڪل-پيءُ کي ڪهڙو فائدو؟

گوڪل پيءُ تہ نوڪري ڪندو هو. ضرور اتي بہ نوڪري ڪندو. پر پاپي، گوڪل پيءُ نوڪري ڪري، پئسا ڪندو ڪيڏانهن؟ هن جا مائٽ تہ هتي آهن؟“

پاپيءَ ڪيس چينبڪ ڏني، ”چپ ڪر چريا.“

”مان چريو آهيان؟“ سرگم مشڪي چوڻ لڳو ”پاپي مان تہ رڳو سرڳ جي باري ۾ پڇان ٿو“ ڪجهہ هبڪي چيائين، ”پر پاپي جيڪي سرڳ ۾ ويندا آهن، اُهي ڪير هوندا آهن؟“

”تون ٻار آهين، اِنڪري ڪجهہ سمجهي نٿو سگهين. جڏهن وڏو ٿيندين، تڏهن سمجهندين. هن دنيا ۾ جو ماڻهو چڱا ڪم ڪندو آهي، رڳو اُهو سرڳ ۾ ويندو آهي.“ پاپيءَ چيو.

”پلا نرڳ ۾ ڪير ويندو آهي؟“

”لڱا ماڻهو!“

”پلا نرڳ ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”اُتي رڳو دک آهي. جيئن هتي گهوڙن کي ڇهبوڪ هڻبا آهن، تيئن اُتي ماڻهن کي ڇهبوڪ هڻبا آهن، جيئن اسين پاپڙ پچائيندا آهيون، تيئن اُتي ماڻهو کي پچائيندا آهن. مان سمجهان ٿو گوڪل-پيءُ شايد نرڳ ۾ ويو آهي، تڏهن تہ هو روئن ٿا.“

پنهنجي معصوم پٽ جون اِهي ڳالهيون ٻڌي، ماءُ کي روئڻ اچي ويو. هن پريل آواز ۾ چيو: ”چپ ڪري اندر پيھ سان وڃي راند ڪر. وات ڦاٽوڙو نہ ٿي؟.“

سرگم ڪنڌ جهڪائي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو.

## باب پنجون

# سرگم روئڻ لاءِ پريشان

ٻئي ڪمري ۾ سرگم پيٽ ڪي سڏ ڪري چيو: ”بينا! اڄ تہ رئون“.

بينا عجب وچان چيو: ”ڇو؟“

”پاپي جو روئي ٿي“.

”پاپي ڇو ٿي روئي؟“ بينا پڇيو.

”ٻڌايانءِ... گوڪل-پيءُ جي ڪري ان جا مائٽ روئن ٿا. ان جي مائٽن ڪري پاپي روئي ٿي. اڄ تہ پاپيءَ ڪري اسين روئون.“

”ڇڱو“

”ڇڱو! تہ پهرين تون روءُ، مان ٿي ڏٺيان پوءِ روئج پهرين سڌي ٿي ويهہ“.

بينا سڌي ٿي ويٺي.

”ڪنڌ ۾ ڪر“.

بينا ڪنڌ مٿي ڪيو.

”هڪ... ٻہ...“

بينا کلڻ لڳي.

”کل نہ... تون روءُ... وري هڪ... ٻہ... ترس اڳ ۾ روئڻ جهڙي شڪل نہ ڪر... مان جڏهن ٿي چوان تڏهن ڪج... وري.. هڪ... ٻہ... ٻہ!... اڊائي... هوشيار!... ٽي!...“

پر بينا کي روئڻ آيو ئي ڪونہ.

”روءُ نہ!“

”روئڻ نٿو اچي“.

”پوءِ مان ڇا ڪريان؟ پاپيءَ ڪان مار کارايائينءِ، پوءِ روئيندينءَ؟... مان چيڙايانءَ، پوءِ روئندينءَ؟“ ايئن چئي سرگم ڪيس چيڙائڻ لڳو:

ڇوڪري ري ڇوڪري
ڳڏن جي نوڪري
رات پريندي پاٽي
صبح ڪندي سلام!
بينا مشڪڻ لڳي.

”چري، روءُ نہ... مان توکي اڄ ڪيئن بہ روئاريندس“. سرگم وري ڪيس ڇيڙائڻ لڳو:

بينا بينا ڪي نہ مار
بينا ننڍڙي ڪنوار
بينا دال رڌي
سا بہ ڦڪي ڦڪي
مڙس سان ڳالهائيندي لڪي لڪي.

بينا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

سرگم چوندو رهيو:

جاڳ جاڳ من ٽيڪم ٽوپڻ
آيا اٺيئي ري چور
ماٺهين پٺهي جا زيور وڃن ٿا
او پيچ ري ميان، پيچ ري ميان
اڙي پاڙيوارا ٻڌو وينا؟

بينا اڃا بہ کلڻ لڳي، مگر سرگم بيحد گنڀير ٿي ويو. پاڙيوارن جو نالو ياد اچڻ سان پاڻ روئڻ جو فيصلو ڪيو. آهستي آهستي چيائين: ”چڱو مان ٿو روئي ڏيکاريانءِ.“

”ڀلا ڪيئن روئيندين؟.“

”ڀڻين مان ياد ڪندس تہ مون حياتيءَ ۾ ڪل ڪيتريون مارون کاڌيون آهن. ڏس پوءِ روئڻ اچي ٿو نہ...“ ائين چئي هو حياتيءَ ۾ کاڌل مارون ياد ڪرڻ لڳو.

هڪ دفعي برسات ۾ نديءَ ڪناري ڏانهن ويو هو نہ. نديءَ ۾ سنان ڪرڻ ڪو نہ ويو، صرف نظارو ڏسڻ ويو. جڏهن موٽيو تڏهن سندس ڪپڙا

آلا هئا ۽ سيءَ سبب ڏڪي رهيو هو ۽ ماءُ جي پُڇڻ تي سچ بہ ڳالهائين، تڏهن بہ ماءُ مار ڏنس تہ جيڪڏهن تون درياھ ۾ ٻڏي وڃين ها تہ...

ٻئي دفعي هن کي راڳ ڳائڻ تي ڏاڍي دل هئي. ماءُ چيس اسڪول وڃ. چيائين اسڪول ڪو نہ ويندس، اڄ سڄو ڏينهن راڳ ڳائيندس. ماءُ زور ڪيس، پر هن نہ مڃيو ان ڪري اهڙي مار کاڌائين، جيئن اُٺ کائي پٽڻ تي.

هڪ دفعي ڏياريءَ جي ڏينهن ضد ڪيائين تہ مان وشٽو چڪر ٻاريندس. ماءُ چويس نہ، متان باھ لڳيئي سرگم چيس پلا ڪڏهن دادا کي باھ لڳي آهي؟ تڏهن ماءُ ان ڪري چماٽ هنئيس جو هن ريس ڪئي هئي. چيائينس: تون تہ ڪو ريسارو گدڙ آهين.

هڪ دفعي هن کي پتليءَ ماءُ بہ مار ڏني هئي. سرگم روز هن جي ننڍڙي باغيچي مان گلاب جا گل پٽي ايندو هو. پتليءَ ماءُ روز هن جي ماءُ وٽ دانهن کڻي ايندي هئي. هڪ دفعي جڏهن سرگم سڀ گلاب جا گل پٽي ۽ سنگهي، ڪائي چڙيا، تڏهن پتليءَ ماءُ هن کي پڪڙي ڏاڍي مار ڏني. سرگم، ماءُ جي مار تي هميشہ روئيندو هو پر پتليءَ ماءُ جي مار تي ڪو نہ رنو. هن کي خبر هئي تہ جيڪڏهن هو روئيندو بہ، تڏهن بہ پتليءَ ماءُ هن کي پنهنجي ماءُ جيان پرچائيندي ڪا نہ. پيار ڪا نہ ڪندي. ڇو تہ ماءُ جڏهن کيس ماريندي هئي تہ ماءُ جي شڪل بہ روئڻ جهڙي ٿي پوندي هئي، پر پتليءَ ماءُ تہ جيئن وڃي ماريندي تيئن وڃي خوفناڪ ٿيندي.

هڪ دفعي ماستر بہ هن کي مار ڏني هئي. ماستر چيس: راڳ ڳاءِ، سرگم چيو- سائين روز روز مان... ماستر چيو: تڏهن مان ڳائيندس؟ سرگم تاڙيون وڄائي چيو: سائين ڏاڍو مزو ٿيندو. مان نئون راڳ ياد ڪندس ماستر چيو: پڙهين راڳ ڳائيندو آهي؟ سرگم چيو: ها سائين. مان ڏيان سان ٻڌندو آهيان، تڏهن تہ راڳ ياد ڪري سگهندو آهيان. سائين توهان کي پٽ آهي؟ ماستر چيو ها. سرگم چيس: پوءِ اهو تہ توهان جا راڳ ڌيان سان ٻڌندو هوندو. ماستر چيو نہ، هو تہ وانگر چريو ڪونهي. سرگم کلي چيو سائين مان چريو آهيان. پوءِ توهان مون چريي جو راڳ روز ڇو ٿا ٻڌو؟ ڪٿي توهان جو پٽ تہ چريو ڪونهي. ۽ ماستر اها ڳالھ ٻڌي ڪاوڙ وچان کيس چاڪ نڪاءُ ڪيو. سرگم تڪڙ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو تہ چاڪ ٻئي ڇوڪر جي نڪ ۾

وڃي لڳو.. اُن ڇوڪر يڪدم رڙيون ڪيون اَلاري!... بابا ري!... ۽ پوءِ روئڻ لڳو. تڏهن ماستر اڳيان وڌي سرگم جي وارن ۾ هٿ وجهي ڪيس بينچ کان ٻاهر ڌڪو ڏنو.. سرگم ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هو نه روئي، ڇو ته هن کي پڪ هئي ته اهو ماستر ڪيس ڪو نه پرچائيندو. سرگم جو پيءُ اسڪول ۾ ڪنهن کي به ڪو نه ماريندو هو، پر هيءُ ماستر... ۽ سرگم کي روئڻ اچي ويو. سرگم دل ئي دل ۾ چيو: جيڪڏهن ڪو توهان کان وڌو توهان کان ائين وارن کان پڪڙي، پٽ تي ڦٽو ڪري ته... ته پوءِ جيڪر توهان کي خبر پوي ته مون کي بدن ۾ ڪيترو سور ٿي رهيو آهي...

اِهي سڀ ڳالهيون ياد ڪرڻ بعد به سرگم کي روئڻ نه آيو. هو سوچڻ لڳو ته آخر ڪيئن روئي... ڪجهه سوچي پيڻ کي چيائين:

”بينا هڪ بصر کڻي آءُ“.

”ڇو؟“

”سوال جواب نه ڪر ڪپ به کڻي آءُ پوءِ تون منهنجي اڳيان بصر وڍ... ڏس ٻنهي کي روئڻ اچي ٿو نه...“ بينا عجب ۾ اکيون ڦاڙي بصر کڻڻ ويئي.

هڪ ٻه منٽ سڄو رڌڻو ڏنائين مگر بصر ڪو نه مليس ۽ پوءِ چپ چاپ اچي سرگم وٽ ويٺي. ايتري ۾ سرگرم هڪ ٻي ڳالهه سوچي ورتي.

چيائين: ”بصر ڪو نه مليو... چڱو هڪ گلاس پاڻي ڀري اچ...“

بينا پاڻيءَ جو گلاس ڀري کڻي آئي. سرگم يڪدم پاڻي پي ويو. پاڻي پي اکيون بند ڪيائين. وري اکيون کولي بينا کي ٻيو گلاس ڀري اچڻ لاءِ چيائين. اُهو به پي ويو ۽ ائين ٽيون گلاس به چيائين ۽ اُهو به پي ويو.

”پاڻي ڇو ٿو پيئين سرگم.“ بينا پڇيس.

”پلا پيٽ ۾ پاڻي هوندو ڪو نه ته اکين ۾ ڪٿان ايندو. بينا اڄ ته ڪيئن به توکي روئي ڏيکاريندس.“

پاءُ کي روئڻ لاءِ آتو ڏسي بينا جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. سرگم رڙ ڪري چيو: ”اڙي تون روئين ٿي.. پر تو ته اڌ گلاس پاڻيءَ جو به ڪو نه پيتو آهي.“

بينا سچ پچ روئڻ لڳي ۽ سرگم جڏهن هن کي پرچائڻ ويٺو ته هن کي به روئڻ اچي ويو.

ꙮ

## باب ڇهون

# گھر مان ڀاڄ

سرگم ستي ساوتريءَ وارو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو. سندس پيءُ هن لاءِ ٽي ڪتاب آندا هئا. 1. ٻال رامائڻ، 2. ٻال مها ڀارت، 3. ٻال سري ڪرشن. جي ٻہ هن پڙهي پورا ڪيا. هن جو يقين ٿي ويو تہ هن دنيا ۾ انسان سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿو. ستي ساوتريءَ ڪال ديوتا کي شڪست ڏني هئي. رام جو نالو وٺي پاڻيءَ ۾ پل ٺاهي ويئي هئي. هنومان پهاڙ کڻي اُڏاميو هو. سري ڪرشن، هاٿيءَ جي ڏند سان ڪنس کي ماريو هو. تڏهن سرگم فيصلو ڪيو تہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪا اهڙي ڳالھ ضرور ڪندو. جيئن سڄي دنيا عجب ۾ پئجي وڃي.

سياري جي موسم ۾ آرتوار جو ڏينهن هو. سرگم ۽ بينا موڪل هئڻ سبب امرناٿ مندر ڏانهن هليا ويا. اُتي گهمي ڦري اڃا بہ اڳيان ويا، جو هڪ ننڍي باغ وٽ وڃي پهتا. باغ مان ڪجھ ميوو پٽي کاڌائون ۽ ڪجھ گل چُني سنگهيائون. اتي هڪ ٻالڪ وينو هو جنهن هن کي ٻڌايو تہ هتي پاسي ۾ هڪڙو کوھ آهي، جنهن جو پاڻي اونهاري ۾ ٿڌو ۽ سياري ۾ گرم هوندو آهي. اها ڳالھ ٻڌي سرگم ۽ بينا ٻئي ان کوھ ڏانهن ويا. کوھ جي ٻاهران هڪ نلڪو هو جنهن مان کوھ جو پاڻي ٿي آيو. ٻنهي اٽڪل اڌ اڌ ڪلاڪ سنان ڪيو. پاڻي هو تہ گرم، پر ٿڌ جي موسم هئي، ان ڪري گهر پهچڻ کان اڳ ئي بينا کي سيءُ تپ ٿي پيو. گهر آيا. ڏيءُ کي بيمار ڏسي سرگم پيءُ ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ڊاڪٽر بينا کي سئي هڻي، دوا ڏيئي هليو ويو.

پر بينا چاڪ ڪا نہ ٿي.

سرگم پيڻ جي پاسي ۾ ويهي هن جي منهن ۾ نهاريندو رهيو هو.

بينا چيو: ”سرگم... مان جيڪڏهن مري وڃان ته؟“

سرگم هن جي وات تي هٿ رکي چيو: ”وڏيڪ نه چئه تون اڪيلي مرندينءَ!“

”هرڪو اڪيلو ته مرندو آهي.“ بينا چيو.

”پر اسين گڏ مرنداسين. اسين اڪيون ڪولي مرنداسين.“

”سرگم... تون سچ پچ چريو آهين.“

”ڀلا ڪيئن؟“ سرگم پڇيو.

”تون ڪيڏي نه بَڪ بَڪ ٿو ڪرين... ماٺ ڪجهه وقت چپ رهي ته سنو.“

سرگم هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”بينا... مان جيترو ڳالهائيندو آهيان ان ڪان وڏيڪ سوچيندو آهيان. پر توکي ڪهڙي خبر ته مان ڇا سوچيندو آهيان؟ ٻڌاءِ، تون ميران ٻائيءَ جي مورت مان پڇن ٻڌندينءَ؟“

”ڀلا مورت ڪيئن ڳائيندي؟“

”ڀلا فوني تي رڪارڊ ڪيئن ڳائيندو آهي. رڪارڊ ۾ ٿورو ئي ڪير وينو هوندو آهي. رڪارڊ ۾ ته رڳو ليڪون هونديون آهن. پوءِ ميران ٻائيءَ جي فوٽي ۾ ته هزارين رنگين ليڪون آهن. ميران نه رڳو ڳائيندي، پر تنبورو به وڄائيندي. ناچ به ڪندي.“

”سچ!“ بينا چيو ”ڀلا ڏسان“.

سرگم پٽ تي تنگيل ميران جي تصوير اڳيان وڃي بيٺو ۽ ان کي ٻئي هٿ جوڙي چيائين: ”ميران ڳاءِ!“

ڪجهه نه ٿيو.

”ميران تون ڳاءِ نه... مان توکي هٿ ٿو جوڙيان... پيرين ٿو چوان... تون ڳاءِ! ميران... ميران... تون ڳاءِ... تون ڳاءِ... ميران، تون ڳاءِ... توکي قسم آهي، تنهنجي تنبوري جو...“

ائين چئي سرگم اکيون بند ڪيون.

۽ اوڏي مهل سرگم کي معلوم ٿيو ڪوئي ڳائي رهيو هو. ها، ميران ٻائي ڳائي رهي هئي.

تيري مئن تو پريم ديواني.

ميرا درد نه جاني ڪوئي.

سرگم رڙ ڪري چيو ”بينا! بينا! ميران ڳائي ٿي، ميران ڳائي ٿي!“ ائين چئي هو خوشيءَ ۾ ناچ ڪرڻ لڳو.

بينا چيو ”اڙي بيوقوف اهو سر سوتيءَ جي گهر ريڊيو پيو وڄي.“

سرگم يڪدم ناچ بند ڪري، پٿر وانگر هڪ هنڌ بيهي رهيو. پوءِ ڏيان سان ريڊئي وارو راڳ ٻڌائين. پوءِ ميران بائيءَ جي مورت ڏانهن منهن ڪري چيائين: ”چڱو تون ٻيل اڄ نه ڳاءِ پر تون ويندينءَ ڪيڏانهن؟ مان پٽيءَ سان تنهنجي تنبوري جون سڀ تارون ٻيجي ڇڏيندس... پوءِ ته توکي ضرور روئڻ ايندو پوءِ ڏسجانءِ تنهنجي اکين مان ڪيئن نٿو پاڻي نڪري.“ ۽ پوءِ منهن سجائي وڃي بينا جي پاسي ۾ ويٺو.

ڏينهن گذرندا رهيا. بينا چاڪ نه ٿي، جو ڊاڪٽر چيو ته هن کي شروع کان ئي نمونيا ٿي پئي آهي. هيءَ اُها بيماري آهي، جنهن ۾ ماڻهو مري به ويندو آهي. بيماريءَ ۾ ماڻهو لڇندو ڦٿڪندو آهي. بينا به لڇڻ ڦٿڪڻ لڳي. ڊاڪٽر دوا ڪندو رهيو پر فائدو ڪو نه ٿيو.

هڪ ڏينهن سرگم ماءُ روئندي سرگم کي چيو ته بينا مري ويندي؟

سرگم بحث ڪو نه ڪيو. چپ چاپ پوڄا واري ڪمري ۾ هليو ويو ۽ وڃي ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويٺو. چيائين: ”ڀڳوان مون کي خبر آهي ته سيني کي جنم ڏيڻ وارو ۽ مارڻ وارو تون آهين پر تون اسان کي جنم ڏيڻ ئي چو ٿو جيڪڏهن مارڻو اٿئي؟ تو ڪڏهن خود کي ماري ڏٺو آهي؟ نڪر مورت کان ٻاهر!... مون کي سڀ خبر آهي ته دنيا ۾ جيڪو ٿئي ٿو تنهنجي چوڻ تي ٿئي ٿو... پر تون ته چورن جيان مورت ۾ لڪو پيو آهين ۽ پاڻ کي سرڳ جو راجا پيو سڏائين... بينا تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي، جو تون ان کي ماري رهيو آهين.. بينا تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي، جو تون ان کي ماري رهيو آهين.. ڪريون.. اهو ڏوهه تنهنجو آهي ان جي مار توکي ملڻ گهرجي.“

ٻئي ڪمري مان ماءُ پڇيس، ”پٽ ڪنهن سان ويٺو ڳالهائين.“

”ڀڳوان سان.“ سرگم چيو.

”چريو آهين ڇا؟“ ماءُ چيو.

”ڀڳوان سان رڳو چريا ڳالهائيندا آهن ڇا پاپي؟“ سرگم چيو.

”چپ ڪر ڪتا!“ ماءُ چيو.

”مان ڪتو آهيان پاپي؟ پر منهنجي شڪل ته ڪجهه ڪجهه ڀڳوان جهڙي آهي.“

سرگم ماءُ ڪمري ۾ هن ڏانهن ڊوڪي آئي. ڪن کان پڪڙي

چيائينس: ”ڀڳوان سان گستاخي.“

”ڀلا تو منهنجي گستاخي ڇو ڪئي.“ سرگم ڪن ڇڏائي پڇيس.

”تون ڪهڙي باغ جي موري آهين.“ ماڻس رڙ ڪئي.

”پاپي ڪڏهن چوين ٿي تہ مان ڪتو آهيان ۽ ڪڏهن چوين ٿي موري آهيان. ڪڏهن تون چوندي آهين تہ مان گلاب جو گل آهيان تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ تہ مان آخر آهيان ڇا؟“

”گڏهہ!“ ماڻهس چيو.

”گڏهہ ٿوريئي اسڪول ويندا آهن پوءِ تون ڇو مون کي اسڪول موڪليندي آهين.“

”چپ ڪر... بينا بيمار آهي...“

پيٽ جو نالو ٻڌي سرگم ڀڳوان جي مورت ڏانهن نهاريو. پوءِ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ۽ جڏهن ماڻهس بہ ٻاهر نڪري آئي، تڏهن هو وري ان ئي ڪمري ۾ گهڙي ويو. وري ڀڳوان کي چيائين: ”بينا کي بچاءِ.“

جواب ڪو نہ آيو.

”نہ تہ باهہ ۾ جلائي ڇڏيندوساءِ.“

وري بہ جواب ڪو نہ مليو.

سرگم ڀڳوان جي مورت کڻي رنڌڻي ۾ هلي ويو. چلهہ تي رکيل ديگڙي لاهي هن ڀڳوان جي ان مورتيءَ کي باهہ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ پوءِ يڪ ٽڪ ان مورتيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. ڪجهہ وقت بعد هو ماءُ وٽ ويو ۽ پڇيئاين، ”پاپي تو ڀڳوان ڏٺو آهي؟“

”ڇو؟“ ماڻهس پڇيو.

”ڀلا ڀڳوان ۽ ڀڳوان جي مورت ۾ تفاوت آهي؟“

”مگر ڇو؟“

”ڀڳوان جي مورت تہ ٽڪي بہ ملندي آهي، سچو ڀڳوان گهٽي ملندو آهي؟“

”تون صفا نادان ٿي پيو آهين.“

”ڀلا سچو ڀڳوان رهندو ڪٿي آهي.“

”سرڳ ۾.“ ماڻهس چيو.

”تڏهن هن دنيا جو مالڪ ڪير آهي.“

”اهو به پڳوان آهي.“

”يعني پڳوان رهندو هڪ هنڌ آهي ۽ راڄ ٻئي هنڌ ڪندو آهي.“

ماءُ چپ چاپ هن جو منهن تڪيندي رهي.

”پلا بينا کي ڪير ٿو بچائي سگهي؟“

”پڳوان!“

”ته پوءِ ڊاڪٽر کي ڇو ٿا گهرايو؟“

”ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويو آهي.“

”پر پڳوان کي ٻڌائيندو ڪير ته بينا بيمار آهي.“

”هن کي سڀ خبر آهي.“

”سڀ خبر اٿس، تڏهن به نٿو اچي. ڇڳو پاپي ٻُڌ مون تنهنجي پڳوان کي جلائي ڇڏيو. هو ڪنن هوندي ڪجهه ٻڌي نه ٿو. اکين وندي ڪجهه ڏسي نه ٿو. رنڌڻي ۾ ڏسينس وڃين. جلڻ مهل الا به ڪو نه ڪيائين.“

ماڻهس رنڌڻي ۾ ڌوڪي ويئي ۽ مورت کي جلندو ڏسي موٽي اچي سرگم کي ورتائين، چماٽون ۽ لتون هڻي، سٽي رکيائينس. سخت مار کائڻ بعد سرگم گهور گهور ڪري ماءُ ڏانهن نهاريو. اڄ ماءُ جي شڪل روئڻ جهڙي نه هئي. اڄ ماءُ جي شڪل پٽليءَ ماءُ جهڙي هئي. پٽليءَ ماءُ، جنهن هن کي گلن پٽڻ سبب سخت مار ڏني هئي. سرگم اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين: ”پاپي مون کي خبر ڪو نه هئي ته ماستر ۽ پٽليءَ ماءُ وانگر تون به ظالم آهين!..

پاپي... مون کي ميران ٻائيءَ به ڪو نه ٻڌو ۽ پڳوان به ڪو نه ٻڌو... مان هن گهر ۾ هاڻ ڪو نه رهندس. منهنجي هن مار جو سبب پڳوان آهي. بيناجي بيماريءَ جو سبب به پڳوان آهي. مان هاڻ پڳوان وٽ ويندس. مان سڄي دنيا ۾ کيس ڳولهيندس، مان کيس مزو ڏيکاريندس، مون کي خبر آهي هو سرڳ ۾ رهندو آهي.“ ائين چئي هو وري رنڌڻي ۾ ويو. اُتان پاڇين وڍڻ وارو ڪپ کنيائين ته مان پڳوان کي ڏڪائي به بينا جي حياتي بچائيندس.

۽ پوءِ گهر مان ڀڄي ويو.

ماڻهس زور سان رڙ ڪئي، ”سرگم!“

سرگم ٻڪندي چوندو ويو ”مان ڪتو آهيان؟ مون کي سڏ نه ڪر!“

## باب ستون

# سرڳ جي ڳولها

سرگم جو پيءُ جي پڇي وڃڻ جو ٻُڌي ڏاڍو دکي ٿيو. ڏيءَ اڳ ۾ ئي بيمار هئس. بينا پاءُ کي پڇندو ڏسي بيهوش ٿي ويئي. سرگم پيءُ سرگم کي ڳولڻ لاءِ پريشانيءَ وچان گهر کان ٻاهر نڪتو. هو سئنيما ۾ ويو. جبلن تي ويو. امرناٿ جي مندر ۾ ويو. نديءَ تي ويو. ايتري قدر جو ٽرين جي پٽن تي به ويو مگر سرگم ڪو نه مليس. آخر ۾ سرگم جي دوستن کان پڇيائين مگر اُتان به پتو ڪو نه مليس ۽ ائين پوليس چونڪيءَ تي وڃي رپورٽ ڪري آيو.

سرگم ماءُ پڇتائڻ لڳي. هن فيصلو ڪيو ته اڳتي سر کي ڪڏهن ڪا نه ماريندي. ڇو ته مار، ٻار کي سنوارڻ بجاءِ بگاڙيندي آهي. ٻارن ۾ جيڪڏهن چڱا لڇڻ وجهجن ته، نه هو شرارتون ڪن، نه مار ڏيڻ جي نوبت اچي. ۽ نه هو گهر مان ڀڄن. شرارتون ته ڀڳوان به ڪندو هو. ڪرشڻ گوپين جا مٽڪا ڀڃندو هو. گوپين جي گهر وڃي مکڻ کائيندو هو. اڪيلو نه کائيندو هو، دوستن کي به کارائيندو هو. پر هن جون شرارتون وٽندڙ هونديون هيون. مگر سرگم جون؟ سرگم ماءُ سوچيندي رهي ته آخر سرگم ڪهڙو گناهه ڪيو هو. ڀڳوان جي مورتي جلائي هئائين نه؟ پر سوال آهي سرگم ائين ڇو ڪيو؟ پنهنجي پيٽ لاءِ ڪيائين... ۽ مون اهڙي ابهم کي مار ڏني... مان ماءُ نه، ڏائڻ آهيان... ماءُ جو ته فرض آهي ته ٻار کي سنڀال سان رکي. هن کي پيار ڪري، ڪڏهن اک به ڏيکاريس، پر ڪاساين جيان ماريس نه... منهنجو سرگم ڪٿي هوندو... اڄ ته هن هڪ پئسو به ڪو نه خرچيو آهي. بک لڳي هوندس. ويٺو ماٺهن جون شڪليون ڏسندو هوندو...

بينا کي جڏهن هوش آيو، تڏهن هن پهريون سوال اهو ڪيو ”پاپي سرگم آيو.“

ماءُ سوچڻ لڳي ته ڪهڙو جواب ڏئي، آخر ۾ چيائين ”آيو هو. ڪيس پڙهي ناناڻي گهر وٺي ويو آهي. سرگم پپي چيو جڏهن تون چاڪ ٿي ناناڻي گهر ويندينءَ، تڏهن ئي پوءِ هو هتي ايندو.“

بينا رڙ ڪري چيو ”پاپي تڏهن مان ضرور چاڪ ٿينديس. پاپي مان ڪا نه مرنديس. پاپي مان سرگم لاءِ جيئري رهنديس.“

سرگم پيءُ جڏهن نراش ٿي موٽيو، سرگم ماءُ ڪيس ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويئي. پڇيائين ”سرگم جو پتو پيو؟“

”نه!“

تڏهن سرگم ماءُ ڪيس روئندي ٻڌايو ته هن بينا سان ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايو هو. ٻئي ويچار پئجي ويا.

ٻئي ڏينهن سرگم پيءُ سڄي سنڌو نگر جي خاڪ ڇاڻي، پر سرگم جو پتو ڪو نه پيو. بمبئي وڃي مائٽن وٽ جاچ ڪيائين، مگر تڏهن به ڪيس ڪجهه خبر نه پيئي.

تڏهن سرگم ڪيڏانهن ويو؟

سرگم گهر مان سڌو امرناٿ جي مندر ڏانهن ڀڳو.

پر اتي پهچي اجان به اڳيان ڀڳو. هن ائين پئي سمجهيو ته جڻ ڪوئي هن جي پٺيان ڪاهي پيو آهي.

هو روئندي ڊڪندو ٿي ويو ۽ ڊڪندي سوچيندو ٿي ويو. سڀ مون کي مارين ٿا! ڇو؟ ڇو جو مان ننڍو آهيان!

ڇو جو مان ڊجان نٿو ۽ جيڪا ڳالهه دل ۾ اچي ٿي، اها چئي ٿو ڏيان! ماڻهو مون تي کلندا آهن، چريو چوندا آهن.

۽ چاڪ به هٽندا آهن... ڇو ته مان روز روز راڳ ڳائڻ پسند نٿو ڪريان! ڇو ته مان گل پٽيندو آهيان... ڇو جو مان درياهه تي گهمڻ ويندو آهيان... ڇو ته مان پکوان سان گستاخي ڪندو آهيان.

پکوان! پکوان ڪٿي آهي؟ سرڳ ۾! سرڳ ڪٿي آهي؟ آسمان ۾! پر آسمان وڏو آهي مون کي ڪنپ ته آهن ئي ڪو نه جو مان پکين جيان اُڏامي سگهان، هوائي جهاز به ڪو نه آهيان مان ته هڪ ٻار آهيان مگر مون کي

سرڳَ جي رستي جي خبر ڪونهي. پر سرڳ هوندو ضرور سڀ جو چوندا...“

اوچتو هو رستي تي بيهي رهيو. هن بابا حاجي ملنگ جي جبل ڏانهن نهاريو. جبل آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. هن سوچيو: هي جبل ته آسمان سان مليو پيو آهي. شايد اِن جبل جي چوٽيءَ تي ئي سرڳ ڏانهن ويڃڻ جو رستو هوندو... ۽ پوءِ هو حاجي ملنگ جبل ڏانهن ڊڪڻ لڳو. سنجها ٿيڻ تائين هو جبل تائين پهچي ويو ۽ جڏهن اَڌ جبل چڙهي ٻه ڏسڻ ۾ نه اچڻ لڳو.

ٿورو مٿي، جبل تي هڪ ننڍو ڳوٺ ۽ هڪ بازار هئي. اُتان ڪجهه روشنيءَ ڪي ڏسي اچا ٻه مٿي چڙهڻ لڳو. بازار ۾ پهچي هن ڏٺو ته هتي ٻه اهڙا ماڻهو هئا جهڙا سنڌو نگر ۾ هئا! هن کي بک لڳي هئي، پر هن وٽ هڪ پئسو ٻه ڪو نه هو. هو ننڍڙو ٻار... دل ننڍي ڪري هڪ هوٽل جي سامهون وڃي ويٺو. هوٽل جي پاسي ۾ هڪ جهوپڙي هئي، جتي هڪ جوان زال ويٺي هئي. سرگم کي اڌ ڪلاڪ هڪ هنڌ ويٺل ڏسي هوءَ هن ڏانهن وڌي آئي ۽ کانئس پڇيائنس، ”تون ڪير آهين؟“

”مان! مان سرگم آهيان!“ سرگم آهستي چا تي تاڻيندي چيو.

”تون ڪيڏانهن تو وڃين!“ مائيءَ پڇيس.

”وڃان ڪونه ٿو هتي ويٺو آهيان!“ سرگم چيو.

”گهر.“

”تون هتي اڪيلو آيو آهين؟“ مائي پڇيس.

”ها!“ سرگم چيو.

”چو؟“

”مون کي پيگوان وٽ وڃڻو آهي.“

مائي عجب ۾ چيس، ”پيگوان وٽ چو؟“

سرگم ڪاوڙ مان چيس، ”تون منهنجي ماءُ ٿورو ئي آهين جو ايڏا سوال ٿي ڪرين؟“

مائيءَ جي دل پرجي آئي. پڇيائينس، ”گهر مان ڀڄي آيو آهين؟“

”ها!“

”چا جي لاءِ؟“

”مون کي بک لڳي آهي...“ سرگم ڳالهه ڦيرائي ڇڏي.

مائي ڪيس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وٺي وئي ۽ ڪيس پيٽ ڀري ماني کارايائين. سرگم ماني کائي اتي ئي سمهي پيو. صبح جو جڏهن ننڊ مان اٿيو تڏهن اُٿڻ ڪان اڳ ئي چيائين، ”پاپي چانهہ تيار آهي.“ پر اکيون کولڻ بعد وائڙو ٿي ويو. ڪيس سڀ ڪجهہ ياد اچي ويو. هن جهوپڙيءَ ۾ چوطرف نهاريو. هن مائي کي ننڊ هئي. ان مائيءَ جي کٽ تي هڪ مرد سمهيو پيو هو. شايد اهو هن جو مڙس هوندو. پر سرگم جو ان سان ڪهڙو واسطو... هو چپ چاپ جهوپڙيءَ مان ٻاهر نڪتو.

ٻاهر تازي هوا لڳي رهي هئي ۽ روشنيءَ ۾ ڪيس خبر پيئي تہ هو ڏرتيءَ ڪان ڪيڏو نہ مٿي هلي آيو هو. پر هن کي تہ اڃان مٿي وڃڻو هو ۽ هو مٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هو ٿورو اڳيان وڌيو جو هڪ فقير چيس:

”پٽ، هڪ پئسو ڏي!“

”پئسو! پئسو تون ڇا ڪندين، پئسي مان توکي ڇا ملندو؟“ سرگم عجب وچان پڇيس.

”پئسو پئسو گڏ ڪري مان رپيو ڪندس. رپيو گڏ ڪري مان بہ ماني کائيندس ۽ منهنجي بيمار زال بہ ماني کائيندي.“

سرگم چيس، ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين! توکي جي حياتي پياري هجي ها تہ پنين نہ ها.“

”مان مجبور آهيان پٽ!“ فقير چيو.

”مجبور! مجبور جي معنيٰ لاچار آهي نہ؟ ڏس مان ڪيڏو نہ ننڍو آهيان، پر مان ٻچڙن سان وڙهي سگهان ٿو. تون بہ هل نہ مونسان بہ تہ ٻارهن ٿينداسين تون ٻچڙن کان پُڇج تہ هن توکي فقير ڇو ڪيو آهي.“

”ڇوڪرا تون چريو آهين...“

چريو! اهو ئي لفظ: چريو!!

سرگم مٺي آواز ۾ چيو ”مان تہ تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ چئي رهيو هئس، تون جيڪڏهن پنهنجي ڀلي لاءِ نہ وڙهندين تہ سڄي حياتي رڳو پيو پنندين.“ ائين چئي سرگم اڳيان وڌي ويو.

سرگم سمجهي ويو تہ ماڻهو هميشہ دکي صرف تڏهن رهن ٿا، جڏهن هو دک سهڻ تي هري وڃن ٿا ۽ دک کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪن! پر مان دک نہ سهندس! مان لڙندس مان ٻچڙن سان لڙندس!

۽ پوءِ هو مٿي وڃڻ لڳو. رستو ننڍو ٿيندو ويو. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪير اتان ڪري ته شايد هڪ هڏي به سلامت نه بچيس. پر هو چڙهندو رهيو ۽ ائين ٻن ڪلاڪن جي پنڌ بعد مٿي پهچي ويو.

سياري سبب گرمي ڪو نه هئي. هو جبل تي پهچي عجب ۾ پئجي ويو. آسمان ته اجا به مٿي هو. جبل تي ڏاڪڻ ته هئي ڪو نه. تڏهن سرڳ ۾ ڪيئن وڃبو؟ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون مٿي ڪيون ۽ فيصلو ڪيو ته اڄ مان ضرور مٿي اُڏامندس. هنومان ڪو نه اُڏاميو هو! هن هوا ۾ ٽپو ڏنو پر تڏهن به اُڏامي ڪو نه سگهيو. هن ٻه ٽي ڀيا به ٽپا ڏنا، پر وري به رڳو ڪري ئي پيو. هن جي دل ڀرجي آئي ۽ هو روئڻ لڳو.

هن کي گهر جي ياد آئي... دادا مون کي ڳولهيندو هوندو.. ڀاڀي روئندي هئي! ۽ بينا... بينا بيمار آهي ۽ مون کي بينا جي حياتي لاءِ ڀڳوان سان لڙڻو آهي.

هو وري اُٿي بيٺو ۽ آسمان ڏي نهاريائين ۽ پوءِ ڪيسي مان ڪپ ڪڍي زور سان چيائين ”ڀڳوان مان توکي ڏسي رهندس. مان فقير وانگر ڊڄڻو ڪو نه آهيان! مان بهادر آهيان آخر تون ويندين ڪيڏانهن؟ نيلم پري، تون ڪٿي آهين؟ لال پري تون ته ٻارن کي پيار ڪندين آهين. توهان ڪٿي آهيو؟... مون کي ته هتي هڪ به ڀڳوان، هڪ به ديوتا، هڪ به پري ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي!... ڀاڀي آڪاٽين ۾ پرين جون ڳالهيون ٻڌائيندي آهي. ڇا اهي آڪاٽيون ڪوڙيون آهن؟ پر ڀڳوان ضرور هوندو. نه ته هيءَ دنيا ڪيئن نهي؟ ڀڳوان ڪلهه مون تنهنجي بي عزتي ڪئي هئي، مون کي معاف ڪر، مگر تون مون کي پنهنجي شڪل ڏيکار! نه، تنهن جو قسم توکي ڪپ ڪو نه ڏيکاريندس. اهو تڏهن ڏيکاريندس، جڏهن تون ڳالهه نه مڃيندس، پر تون اچ نه ڀڳوان؟ تون ڪٿي آهين مان توکي ڪٿي ڳولهيان، تنهنجي سرڳ جو رستو ته مون ڏٺو ڪونهي... پر مان ايندس... مان تو وٽ ضرور ايندس.“ ائين چئي هو جبل تان هيٺ لهڻ لڳو.

## باب اٺون

# هڪ ساڌوءَ سان ملاقات

سرگم اڌ ڪلاڪ ۾ جبل واري بازار ۾ پهچي ويو. بازار ۾ چڱي چهل پهل مچي پيئي هئي. هو بيحد ٿڪل هو. ڪيس اُڃ به هئي ته بک به هئي. هو هڪ هوٽل ۾ هليو ويو ۽ يڪدم پاڻيءَ جا ٻه گلاس پي ويو ۽ پوءِ وري ٻاهر اچي سوچڻ لڳو ته هاڻ هو ڇا ڪري.

سامهون هڪ ڪنڌ تي، وڻ جي هيٺان هڪ ساڌو پلٿي ماري اکيون ٻُوٽي ويٺو هو. هن جي اڳيان ٿورو ميوو ۽ ڪجهه پئسا رکيا هئا. سرگم سوچيو: شايد مهاراج کي بک ڪونهي. پر هو اکيون پوري ڇا ٿو ڪري.. چوندا آهن ته ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن کي درشن ڏيندو آهي. ضرور هن کي به درشن ڏنو هوندائين.

هو يڪدم ساڌوءَ جي پيرسان وڃي ويٺو ۽ آهستي چيائين، ”مهاراج.“ ساڌوءَ اکيون کوليون. ننڍي ٻار کي سامهون ڏسي، مسڪي چيئاين، ”چئه پٽ.“

”تون اکيون بند ڪري ڇا پيو ڪرين.“

ڀڳتي!

”ڪنهن جي ڀڳتي؟ ڀڳوان جي تو ڀڳوان ڏٺو آهي؟“

”ها پٽ، مون ڀڳوان ڏٺو آهي.“

سرگم يڪدم اُٿي، نڪر جي ساڄي کيسي ۾ (جنهن ۾ ڪپ پيو هو) هٿ وجهي چيو، ”ڪٿي آهي ڀڳوان؟“

ساڌو چيو، ”تون ئي ته ڀڳوان آهين“

”مان! مان! تون چريو آهين ڇا؟“ سرگم عجب مان چيو.

”مان به ڀڳوان آهيان. دنيا ۾ هر انسان، ڀڳوان جو هڪ روپ آهي.“

”تون ڏکي ٻولي ٿو ڳالهائين آخر دنيا ۾ گهڻا ڀڳوان آهن؟“

”جيترا ماڻهو آهن.“

”۽ سرڳ ڪٿي آهي؟“ سرگم پڇيو.

”اهو هر ڪنهن ماڻهوءَ جي گهر ۾ آهي. سرڳ بہ اتي آهي ۽ نرڳ بہ اُتي آهي. تون چاهين تہ گهر کي سرڳ (بهشت) بڻائي سگهين ٿو چاهين تہ نرڳ (دوزخ).“

”پلا سرڳ ۾ تہ رڳو کير، مکڻ، ماکي، سون، گل، ديوتا، امرت، ناچ گانا ۽ الائي ڇيو ڇا ڇا هوندو آهي ۽ نرڳ ۾ تہ ماڻهو باهين ۾ جلندا آهن. اسان جي گهر ۾ سرڳ ۽ نرڳ ڪٿي آهي... تون نقلي مهاراج تہ نہ آهين!“

ساڌوءَ کلي چيو ”پٽ، ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو هوشيار ٿو معلوم ٿينءَ پر تون اڃان ٻار آهين. تون اڃا هن سنسار کي ڪو نہ سڃاڻو آهي. مٺا اڄڪلهہ ٻين کي تہ ڇا پر پاڻ کي بہ سمجهڻ مشڪل ٿي پيو آهي.“

سرگم کي ان جواب مان مزو نہ آيو. چيائين، ”تون ميوو نٿو کائين!“

ساڌوءَ چيو ”بک ڪونهي“

سرگم ڪيسي مان هٿ ڪڍي، هن جي پاسي ۾ ويهندي چيو ”ٿورو پنڌ ڪر بک لڳندءِ مون سان هلندين؟“

”ڪيڏانهن؟“

”سرڳ ۾.“ سرگم چيو.

ساڌو عجب ۾ پئجي چيو ”پر سرڳ ڪٿي آهي؟“

”مون کي خبر هجي ها تہ مان تو وٽ ڇو اچان ها.“ سرگم چيو.

سادو سرگم جو منهن تڪيندو رهيو.

”پر توکي تہ خبر آهي... تون ڇوين ٿو تہ مان خود ڀڳوان آهيان، پر منهنجو سرڳ ڪٿي آهي.. نہ، تون ڪوڙو آهين.. مان وڃان ٿو.“ سرگم چيو.

”نہ ويهہ... ڀهرين ٻڌاءِ تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين. سچ ٻڌاءِ ڪٿي تون ڀڳوان تہ ڪو نہ آهين.. منهنجو امتحان وٺڻ تہ ڪو نہ آيو آهين.“

سرگم کلڻ لڳو. آهستي چيائين، ”هاڻ تون ننڍڙن ٻارن جيان پيو ڳالهائين.“

ساڌوءَ کي شڪ پيو شايد سرگم ڀڳوان آهي، ڇو تہ ڇوندا آهن ڪڏهن ڪڏهن ڀڳوان ويس بدلائي ڀنهنجي ڀڳتن جي سامهون ايندو آهي.

هن چيو ”نہ تون سچ پچ ڀڳوان آهين، تون هڪ ٻالڪ جو روپ ڌاري مون وٽ آيو آهين. ٻڌاءِ مان تنهنجي ڪهڙي شيوا ڪريان. هي ڦل کائيندين.“

سرگم ها ڪئي.

ساڌو هن کي آهستي آهستي ڪري ميوو کارائڻ لڳو. سرگم مزي سان ميوو کائيندو رهيو. جڏهن ميوو کائي پورو ڪيائين، تڏهن ساڌوءَ کي مهرباني چيائين.

ساڌوءَ چيس، "ٻي ڪا آڳيا پڳوان؟"

"مان پڳوان ڪو نہ آهيان پائي!"

"نہ، تون آهين."

"چڱو آهيان." سرگم چيو "ٻڌاءِ توکي ڇا کپي؟ ڇا تنهنجي بہ پيٽ بيمار آهي؟"

ساڌوءَ چيو "نہ پڳوان، مون کي رڳو تنهنجو درشن ڪرڻو هوسو ڪيم. ٻڌايو هاڻ مان ڇا ڪريان."

"ٻڌ!" سرگم بہ چئي ڏنو "هميشہ سچ ڳالهاءِ. ڪنهن کان ڊڄ نہ. جيڪا ڳالهہ ٺيڪ سمجهين ڪندو رهہ. دکين کي مدد ڪر ۽ ها... ٻارن سان هميشہ پيار ڪر... ڪنهن ٻار کي چريو نہ چئہ... ٻار بہ سمجهدار ٿيندا آهن."

ساڌو يڪدم اُٿي بيهي، سرگم کي هنج ۾ کڻي ناچ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ زور زور سان چلائڻ لڳو: مون کي پڳوان ملي ويو. مون کي پڳوان ملي ويو. هہ هہ هہ ها... مون کي پڳوان ملي ويو...

بازار جا ماڻهو هلندي هلندي هڪ هنڌ پهچي ويا ساڌوءَ ڏانهن عجب وچان نهاريائون ۽ پوءِ هن ڏانهن وڌيا. ساڌوءَ سرگم کي هنج مان هيٺ لاهي، پنهنجي ڏاڙهيءَ کي لوڏيندي چيو "پائرو ڇا توهان پڳوان کي ڏسڻ چاهيو ٿا."

سڀني ژالن مردن هڪ ئي آواز ۾ چيو "ها"

"پر اِن لاءِ هڪڙو شرط آهي." ساڌوءَ چيو.

"ڪهڙو!" ماڻهن پڇيو.

"توهين سڄي حياتي سچ ڳالهائيندا. ڪنهن کان ڊڄندا ڪو نہ. دکين کي مدد ۽ ٻارن کي پيار ڪندا."

"ها." ڪيترن ئي ماڻهن چيو.

پر ساڌو ڪجهہ چوي، ان کان اڳئي سرگم ميڙ مان نڪري ويو. هن اوڏي مهل ان مائيءَ کي ڏٺو جنهن کيس رات ماني کارائي هئي ۽ پنهنجي گهر سمهاريو هو. مائيءَ بہ کيس ڏٺو پر اڳيان وڌي ڪا نہ. جو کيس ساڌوءَ جي ڳالهہ ٻڌڻي هئي. ۽ سرگم سوچڻ لڳو هي ساڌو بيوقوف آهي ماڻهو بہ بيوقوف آهن.

ڪنهن به ڀڳوان کي ڏٺو ڪونهي ۽ تڏهن به ڀڳوان کي مڃين ٿا!

ساڌو چيو، ”اجهو هيءُ آهي ڀڳوان“ ائين چئي هن هيٺ نهاريو. پر سرگم هو ئي ڪونه. ”اهو ڏسي سادو پريشان ٿي ويو ۽ ماڻهن چوڻ شروع ڪيو.“ ڪتان جو پئسا ڪمائڻ جو نئون نمونو! ”هي ساڌو ڪونهي ڪوئي ٺگ آهي.“

ساڌو چيو، ”مون تي اعتبار ڪريو. اجهو اجان هيئنر هتي بيٺو هو.“

اوڏي مهل هن مائيءَ ڳالهايو، ”اڙي هو ٻار ڇا، جنهن کي سرڳ وڃڻو هو.“

ساڌوءَ رڙ ڪري چيو، ”ها، اهو ئي پلا هو ڇا اسان ماڻهن سان نرڳ ۾ رهندو؟“

مائي به زور سان چيو، ”اڙي رات هو ڏاڍو بکايل هو. رات مون ماني کارائي مانس. کٽ تي ڪمبل وجهي سمهاريو مانس، پر صبح جو اکيون کولي ڏسان ته هئو ئي ڪونه. پلا ڀڳوان جو ٿيو. انتر ڌيان ٿي ويو هوندو. اڙي اجان هيئنر هتي بيٺو هو. ڏسو وري به انتر ڌيان ٿي ويو.“

اُتي هو فقير به بيٺو هو. ان چيو، ”ها، هو مون وٽ به آيو هو. مون کي ڪيترين صلاحون ڏنائين، مگر مون ٻڌو مانس ئي ڪونه. مون پئسو گهريو مانس ته چيائين هڪ پئسي مان ڇا ڪندين. مون کان پڇيائين: سرڳ ۾ هلندين، مون چيو مانس: نه... اڙي مان ته لٽجي ويس... برباد ٿي ويس...“ ائين چئي هو روئڻ لڳو.

هاڻ ڪن ماڻهن زور سان چوڻ شروع ڪيو، ”اسين به اپاڳا آهيون اسان جو ڀڳوان بکايل... اسين ته پاڻ بک مري به هن کي کارايون ها!“

۽ سرگم اتان ڀڳو. هن کي هنن ماڻهن کان ڪراهت اچي ويئي. چيائين: هي عقل جا دشمن آهن. اهو به ڪو نه ٿا سوچين ته جو خود ڀڳوان جي ڳولها ۾ آهي، اهو خود ڀڳوان ٿي ٿو سگهي... مان جيڪڏهن ڀڳوان هجان ها ته اُڏامي ڪو نه سگهان ها؟ پوءِ بينا بيمار ئي ڇو ٿئي ها... مان ته پنهنجي طاقت سان سيني کي سُٺو سکيو ۽ تندرست ڪري ڇڏيان ها... پر خير! جو ٿيو سو ٿيو... هان اجا به مون کي اڳيان وڃڻو آهي. پهرين هيٺ لهڻو آهي ۽ پوءِ وري اڳيان وڃڻو آهي. مون کي سرڳ کي ڳولهڻو آهي. منهنجي ڪيسي ۾ اجا به ڪپ پيو آهي ۽ اهو مان ڀڳوان کي ڏيکاري چوندس: ڀڳوان بينا کي نيڪ ڪر. ماڻهن کي دُکي نه ڪر... انهن کي عقل ڏي ته هو توکي سڃاڻي سگهن!

## باب نائون

# ڪتي سان دوستي

سرگم سڄو ڏينهن پتڪندو رهيو. پهرين هن کي جبل جي پٽيان وڃڻ جو خيال آيو. ڇو جو ڪنهن ٻڌايس ته اتي هڪ شينهن کي رڳو ڪيلن ۾ ڏنو هو. سو سوچيائين ته جيڪڏهن ڪنهن وڻ تي چڙهي لڪي لڪي ان کي ڏسان ته... پر پوءِ خيال آيس ته پهرين سرڳ کي ڳولهڻو آهي. شينهن کي ته پوءِ به ڏسي سگهندس.

رستي تي هن کي هڪ ڪتو مليو. ڪتو هن ڏانهن چتائي نهاري رهيو هو. هو به ڪتي ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي ڏسڻ لڳو. ماءُ هن کي ڪتو ڇيو هو. پر ڪتي جي شڪل ڪيڏي نه ڦريل آهي. وڏا گندا ڏند... چار ٽنگو.. پُڇ... ڀڳوان ڪتا ڇو پيدا ڪيا آهن... هو سوچڻ لڳو... ها، ڪتا چورن کي ڀڄائيندا آهن... پلا ڀڳوان چور ڇو پيدا ڪيا آهن... پلا چور چوري ڇو ڪندا آهن؟

مون کي ته هڪ سوال جو جواب نه ٿو اچي. مان ٽيون سنڌي پڙهندو آهيان. مون کي ڪيترا بيت ياد آهن. سائين چيو مان سيني ٻارن ۾ سمجهدار آهيان. پر سائين کي اها کهڙي خبر ته مون کي اها به خبر ڪونهي ته ڀڳوان ڪتا ۽ چور ڇو پيدا ڪيا آهن...

سرگم ڏٺو ته ڪتو هاڻ پڇ لوڏي رهيو هو. سرگم کي خبر هئي ته جيڪي ڪتا پڇ لوڏيندا آهن سي چڪ نه پائيندا آهن. سو هو ڪتي ڏانهن وڌيو. ڪتو ٿورو پنيان هٽي آهستي ڪيڪڙائڻ لڳو.. سرگم ڏٺو ته هن جي

پوئين ٽنگ مان رت وهي رهيو هو. هن يڪدم قميص لاٿي. قميص لاهي گنجي لاٿي. اُها گنجي ڪتي جي ٽنگ کي ٻڌائين ۽ پوءِ قميص پائي مشڪي ڪتي ڏانهن نهاري اڳيان وڌڻ لڳو.

سرگم اڳيان وڌي پويان نهاريو. ڏٺائين ڪتو بہ هن جي پويان اچي رهيو هو. سرگم بيهي رهيو تہ ڪتو بہ بيهي رهيو. سرگم کي ڪل اچي ويئي. کلي هو اڳيان وڌيو تہ ڪتو بہ وڌيو.

سامهون هڪ جهوپڙيءَ جي ٻاهران هڪ ساڌو ٻيڙيءَ مان سوٽا هڻي رهيو هو. ان ساڌوءَ کي ڏسي، سرگم کي جبل واري ساڌوءَ جي ياد آئي، جنهن هن کي پيغمبر سمجهيو هو. جنهن ساڌوءَ جو اهو خيال هو تہ پيغمبر ويس بدلائي پنهنجن پيروڪارن ڏانهن ايندو آهي. سرگم مشڪي، هڪ هنڌ بيهي، ڪتي ڏانهن نهاري چيو، ”ساڌو مهراج پئل مون کي پيغمبر سمجهي، مگر مان توکي پيغمبر نٿو سمجهان. جيڪو پيغمبر سرڳ ۾ ڪتن کي نہ رکندو آهي، اُهو ڪتي جو ويس پائي نٿو سگهي.“

هاڻ ڪتو هن جي گوڏن ۾ منهن لڪائڻ لڳو.

سرگم وري بہ اڳيان وڌيو. ڪتو بہ وڌيو ۽ ائين ٻئي هلندا رهيا. سرگم کي هڪ رٿ سجهي آئي. اڳيان هلي هو هڪ وڻ تي چڙهي ويو. سمجهيائين تہ ڪتو بيهي هليو ويندو، پر ڪتو ويٺو رهيو. سرگم وڻ تان هيٺ لهي آيو.

ڪتي ڏانهن عجب وچان نهاري وري هو اڳيان وڌيو. ڪتو سندس اوٿ ونندو رهيو. آخر ۾ سرگم کي ڪاوڙ لڳي. رڙ ڪري چيائين، ”تون تہ سچ پچ ڪتو آهين! توکي خبر ڪونهي تہ مان ڪيڏانهن ٿو وڃان ۽ پٺ لوڏيندو پيو منهنجي پٺيان اچين! عجب مان منهنجو ٻوٿ ڇا ٿو تڪين. نہ، مان تہ وڃان ٿو سرڳ ۾! مان آهيان انسان، پنڌ ڪندو ويندس، پر تون ٿڪجي ڪو نہ پوندين! ۽ ها، توکي سرڳ ۾ اچڻ بہ ڪو نہ ڏيندا... تون ڪتو آهين نہ... تون رڳو چورن لاءِ آهين ۽ چور رڳو نرڳ ۾ هوندا آهن... منهنجي جند ڇڏ...“

ڪتو ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيو پر سرگم کي عجب لڳو جو هن

ڀيرين تہ رڙيون ڪري ڳالهايو هو پر پوءِ هن جو آواز ڍلو پوندو ويو. هن کي سوچڻ جي عادت هئي ۽ هو سوچڻ لڳو: ائين ڇو؟... پر هن دفعي هن کي ان جو جواب ملي ويو تہ مون کي ڪتي سان همدردي آهي نہ. اِن ڪري پاپي بہ جڏهن اڳي ڀيرين ڀيرين وڙهندي هئي تہ رڙيون ڪندي هئي، پر پوءِ هن جو آواز گهٽجي ويندو هو. پر مان تہ پاپيءَ جو پُٽ آهيان، هيءُ ڪتو منهنجو ڪير ٿئي...

هو هيٺ جهڪي ڪتي جو منهن پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ آڻي چوڻ لڳو "ٻڌاءِ، تون منهنجو ڪير آهين؟ پاپي ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪتو چوندي آهي، ڇا منهنجي شڪل بہ ڪجهہ ڪجهہ تو جهڙي آهي... تنهنجو گهر آهي؟ تون ماني ڪائيندو آهين... پر تنهنجي شڪل روئڻ جهڙي ڇو آهي... توکي ٽنگ ۾ سور آهي نہ... توکي ضرور ڪنهن پٿر هنيو هوندو.. ائين تہ مون بہ ڏاڍيون مارون کاڌيون آهن. پر مان هميشہ ٿوروئي روئيندو آهيان. هميشہ ڪوشش ڪندو آهيان تہ نہ روئان... پلا بهادر ڪو روئندا آهن... چريا، تون تہ ڪتو آهين، تون تہ ڄائي ڄم کان بهادر آهين، تون ڇو ٿو روئين... ڇڱو هل مون سان... تون سرڳ جي دروازي وٽ بيهي پکوان کان رڙ ڪري پڇجانءِ تہ پڳوان توکي ڪتو ڇو بڻايو آهي... مون فقير کي ڇيو تہ تون پڳوان وٽ هل، پر هو هليو ئي ڪونہ... پلي نہ هلي. تون هل. رستي تي ڪو گڏهہ مليو تہ ان کي بہ وٺي هلنداسين. پاپي مون کي گڏهہ بہ چوندي آهي. رستي تي گلاب جا گل مليا اُنهن کي بہ پٽي کڻي هلنداسين... موريون تہ اهي بہ پٽينداسين... مون کي عجيب خيال آيو آهي پڳوان کي چوندس: پڳوان! مون کي گلن جهڙي دل آهي ۽ مان ڪتي وانگر وفادار آهيان. مون کي گڏهہ جهڙي طاقت آهي ۽ منهنجيون ڳالهيون مورين جيان ڪڙيون آهن. منهنجي هر ڳالهہ تي ماڻهو پوسرندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪلندا آهن. ڇو تہ مان ڪڏهن هنن کي گڏهہ لڳندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪتو ۽ ان ڪري سڀ مون کي چريو بہ چوندا آهن..."

پوءِ هو اُٿي ڪڙو ٿيو. چيائين، "مان آهيان ننڍو، پر مان وڏن جيان ڳالهايان ٿو. دادا چوندو آهي تہ ٻار جيڪڏهن سنا سنا ڪتاب پڙهي تہ پاڻ سنو بہ ٿي پوندو ۽ سياڻو بہ. مون سنا ڪتاب پڙهيا آهن. مون کي خبر آهي

تہ راوڻ سيتا کي لنڪا کڻي ويو تہ رام ڀولڙن جي فوج وٺي لنڪا ڏانهن ڪاهي ويو. ڪنس ڪرشڻ کي مارن جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، مگر ڪرشن ڪنس جي درٻار ۾ ڏوڪي ويو ۽ سيني ماڻهن جي اڳيان ڪنس کي هاٿيءَ جي ڏند سان ماري ڇڏيائين. ايپمنيون، پاڻ ننڍو هو پر هن کي طاقت هئي ۽ هو اڪيلو ئي مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ ڪاهي پيو ۽ ڪيترن کي ماري ڇڏيائين. ۽ ستي ساوتري.. ڪال ديوتا سان اهڙو تہ بحث ڪيائين جو ڪال ديوتا کي هار ڪائڻي پيئي. تڏهن مان سرڳ تائين نٿو وڃي سگهان؟ رام لنڪا ڏانهن ڀولڙن سان ڪاهي ويو. مگر مان سرڳ ۾ ويندس، ڪتن ۽ گڏهن سان. رام تير ڪمان کڻي ويو هو. مان گل ۽ موربون کڻي ويندس... پر توکي خبر آهي تہ منهنجي کيسي ۾ ڀاڄين وڏڻ وارو ڪپ پيو آهي. هان، ڏس.“ ائين چئي هن ڪتي کي ڪپ ڏيکاريو.

ڪتو ڊپ وچان ٿورو پويان هٽي ويو.

سرگم چيس، ”تون ڇو ٿو ڏڪين، تون ڀڳوان ٿوريئي آهين. هيءُ ڪپ صرف ڀڳوان کي ڏيکارڻ لاءِ آهي. منهنجي پيٽ جي حياتي خطري ۾ آهي نہ... پر مان هاڻ رڳو پنهنجي پيٽ لاءِ ڪو نہ پُڇندوسانس، دنيا لاءِ پُڇندوسانس... پڇندوسانس: دنيا ۾ ماڻهو دکي ڇو آهن... سکي ڇو نہ آهن!...“

هن ڪپ کيسي ۾ وڌو. ڪتي کي چيائين، ”ڇڱو هل مونسان.“ ۽ ائين چئي هو هلڻ لڳو.

ڪتو بہ آهستي آهستي هن جي پنيان هلندو رهيو.

## باب ڏهون

# سرڳ جي درشن

اڳيان سرگم پنيان ڪتو ٻئي هلندا هليا... هلندي هلندي ٻئي امرناٿ شهر وٽي پهتا. شهر ۾ تن وڏن ڪتن سرگم واري ڪتي کي اچي ورتو ۽ اهو ڪتو پنهنجو پڇ ٽنگن ۾ لڪائي ڀڄي ويو.
سرگم دل ئي دل ۾ ڪتي کي پنهنجو دوست سمجهيو هو. ان ڪري هن جي ڀڄي وڃڻ جي ڪري هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هن کي ان وقت اها ڳالهه خيال ۾ آئي ته ماڻهن ۽ ڪتن ۾ گهڻ هڪ ڳالهه ساڳي آهي ته: وڏا ننڍن کي مارين ٿا! پر ماڻهو ته ڪتا نه آهن. پوءِ ڇو ماڻهو ڪتن جهڙي هلت هلن ٿا؟ گل ته زمين مان نڪرندا آهن. پوءِ ڇو پتليءَ ماءُ اُنهن کي رڳو پنهنجا سمجهي ٿي ۽ ٻين کي حصو نٿي ڏئي؟ ڇو هوءَ مون کي ماري ٿي. جڏهن ڪيس خبر به آهي ته مون کي گل ڏاڍا پيارا لڳندا آهن؟ ڇو ته هوءَ وڏي آهي! ڇو جو گل هن جي گهر جي باغ ۾ پيدا ٿين ٿا... پر هن جو گهر ته زمين تي آهي ۽ زمين ته تمام وڏي آهي... ۽ زمين رڳو هن جي ٿوروئي آهي. اُها ته اسان سڀني جي آهي... دادا چوندو آهي ته ڌرتي اسان جي ماءُ آهي. اسين سڀ ان جا ٻار آهيون ۽ ماءُ جي نظر ۾ هر ٻار برابر آهي... پتليءَ ماءُ کي خبر ڪونهي؟ ضرور خبر هوندي‍س. پر طاقت اٿس نه، ان ڪري لوڀ ٿيو هوندس... پر ننڍن کي مارڻ ته ڪتن جو ڪم آهي... چڱو جڏهن به گهر ويندس ته پتليءَ ماءُ کي سمجهائيندس ته گل صرف انهن کي ملڻ گهرجن، جن کي گلن جي ضرورت آهي، توکي ڪپن ته تون به ٻه چار ڪڻ. پر هڪ ٻه

مون کي، هڪ ٻه بينا کي، هڪ ٻه گوڪل ۽ هڪ ٻه سرسوتيءَ کي ٻه ضرور ڏي.. گوڪل منهنجو دوست آهي ۽ سرسوتي بينا جي ساهيڙي..

بينا!...

بينا بيمار آهي. ۽ مون کي سرڳ ۾ وڃڻو آهي. سرڳ ۾! ها، سرڳ ۾! مون کي سرڳ ۾ ڀڳوان وٽ وڃڻو آهي ۽ ان کان پڇڻو آهي ته دنيا ۾ دک ڇو آهي. ماڻهو بيمار ڇو ٿيا ٿين، ماڻهو فقير ڇو آهن، ماڻهو ڪتن جهڙا ڇو آهن... ۽ وري هن ۾ هڪ عجيب جوش پيدا ٿي ويو. هن جون مُٺيون ڀڪوڙجي ويون.

سرگم جي قميص نڪر کان ٻاهر نڪري آئي هئي. سيند ته ڪڏي ڪو نه هئائين. سڄو بدن ميرو ۽ چمپل هڪ هنڌان ڇڄي پيو هئس. سياري سبب سيءُ وڌي رهيو هو. هو جوش ۾ هو. اُن ڪري پهرين سيءَ جو اثر ڪو نه ٿيس، پر پوءِ ٽنڊ ۾ ڏڪڻ لڳو. کيس بُک لڳي هئي ۽ اُڃ به لڳي هئي...

هو سڌو اسٽيشن تي آيو. اتي نلڪي مان پاڻي پيتائين. اُڃ ته لٿس پر بُک وڌي ويس. پيٽ ۾ ٿورو سور به پوڻ لڳس. هو اسٽيشن واري هوٽل وٽ وڃي بيٺو ۽ چلهه تي هٿ سيڪڻ لڳو. سيءُ گهٽ ٿيڻ لڳس، پر بک ويس وڌندي.. کيس وري پيءُ جي يادگيري آئي. وري طاقت آيس.

هن زور سان رڙ ڪئي، ”ڀڳوان، تون ڪٿي آهين. مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. بک جي ڪري مان چڱيءَ طرح ڪجهه ڏسي نه ٿو سگهان. ڀڳوان تون ڪٿي مون کي مارينديو ڇا؟ آهه...“ ائين چئي هو ڦيراٽي پائي اتيئي ڪري پيو.

ماڻهو جمع ٿيندا رهيا.

امرناٿ ۾ گهڻو ڪري مزودر رهندا آهن ۽ مزورن ۾ گهڻو ڪري ٻڌي هوندي آهي. ان ڪري مزور پنهنجي حياتيءَ ۾ دک گهڻو ڏسندا آهن. ان ڪري ٻين جي دک کي محسوس به ڪري سگهندا آهن. سرگم پٽ تي ڪريو ته ڪيترائي مزور اُتي گڏ ٿي ويا. هڪ ٻه پوليس وارا، ڪوئي صاحب، بابو، ماستر به آيو پر اهي مزور هئا، جي هن کي شهر جي ٻاهر واري پنهنجي دفتر کڻي ويا هن کي گرم بستري تي سمهاري هن کي مالش ڪيائون ۽ جڏهن سرگم اکيون کوليون، تڏهن کيس کير به پياريائون.

سرگم پڇيو، ”آخر توهان ڪير آهيو؟ توهان مون کي ڪير ڏيو ٿا. مان سمجهان ٿو مان سرڳ ۾ آهيان، پر توهان جون شڪليون تہ ڀوتن جهڙيون آهن. آخر مان ڪٿي آهيان؟ سرڳ ۾ يا نہ نرڳ ۾...“

سڀ عجب ۾ پئجي ويا. انهن ۾ هڪ زال بہ هئي، جنهن کي ڳاڙهيءَ ڪنار سان اڇي ساڙهي پيئي هئي. ساڙهيءَ جو پلئہ مٿي تي ڪو نہ هئس ۽ ڏگها ڏگها گول گول وار ڪلهن تي هيڏانهن هوڏانهن پکڙيا پيا هئس. رنگ جي گوري، بدن ۾ ڪجهہ ڀريل ۽ قد جي پوري پُني هئي. انهن ڪارن ماڻهن جي وچ ۾ هوءَ ائين لڳي رهي هئي جيئن ڪارن ڪڪرن جي وچ ۾ چنڊ لڳندو آهي.

سرگم هن کي ڏسي چيو، ”تون نيلم پري آهين؟“

اُن استريءَ کليو.

”لال پري آهين؟“ سرگم وري پڇيس.

هڪ مزور چيس، ”هوءَ اسان جي ليڊر آهي، اسين سڀ گڏجي سٺين ڳالهين لاءِ لڙندا آهيون، پر تون هن کي لال پري چئي سگهين ٿو. ڇو جو اسان سڀني جو خون لال آهي ۽ هوءَ ان خون کي هميشہ لال رکڻ لاءِ انهن ماڻهن سان لڙندي آهي، جي ظلم ڪندا آهن! ليڪن تون تہ ننڍو ٻار آهين، تون منهنجون ڳالهيون سمجهين ٿو؟“

سرگم کلي چيو، ”منهنجو پيءُ چوندو آهي تہ تون سوچ بہ گهڻو ۽ ڳالهاءِ بہ گهڻو. پڙهہ بہ گهڻو ۽ کل بہ گهڻو ۽ مان پڙهندو بہ گهڻو آهيان، ۽ کلندو بہ گهڻو آهيان. بينا مون کان وڌيڪ کلندي آهي، پر هوءَ سوچيندي گهٽ آهي.“

”... بينا!...“ سرگم رڙ ڪئي، ”پڳوان ڪٿي آهي؟“

بينا!

هاڻ هوءَ استري اڳيان وڌي. چيائين، ”ڪهڙو پڳوان؟“

”جنهن سڀني کي جنم ڏنو آهي.“

”اسان کي جنم ڌرتيءَ ڏنو آهي.“ استريءَ چيو.

”پلا جيڪو اسان کي ماريندو آهي.“

”ماريندي رڳو بيماري آهي. يا ڪڏهن دک ماريندو آهي، ڪڏهن

حادثو ماريندو آهي ۽ ڪڏهن ڀيرو ماريندو آهي.“ استريءَ چيو.

”پلا سرڳ ڇا آهي؟“ هن پڇيو.

”سرڳ هڪ پرم آهي.“ هڪ مزور چيو.

”۽ پرم ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”پرم ڪنهن ڪوڙ اثر کي چئبو آهي.“

”۽ ڪوڙ ڇا آهي.“ سرگم پڇيو.

”اها چيز يا ڳالھ جنهن جو ڪوئي وجود نہ هجي.“

”۽ وجود ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”ڪنهن چيز يا ڳالھ جي هئڻ جو ثبوت.“

”۽ ثبوت ڇا آهي؟“ سرگم پڇندو رهيو.

”ڪنهن چيز يا ڪنهن ڳالھ جي هئڻ جو وشواس.“

”۽ وشواس ڇا آهي؟“

”اسين پنهنجي حواسن معرفت پنهنجي هر ڪا ڳالھ دماغ تائين پهچايون ٿا ۽ دماغ جنهن کي ٺيڪ هئڻ جي قبوليت ٿو ڏئي. اها قبوليت وشواس آهي.“

”مون ڪجھ نہ سمجهو.“

”تون اجا ٻار آهين. توکي اها ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي تہ پنهنجي پيءُ کان پڇج. يا اسڪول ماستر کان يا ڪنهن ٻئي هوشيار ماڻهو کان پڇج.“

ان گوري استريءَ اُن مزور جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو. ”ساٿي!“

مزور چپ ٿي ويو.

سرگم وائڙو ٿي ويو تہ هيءَ ڪهڙي دنيا آهي، جنهن ۾ رڳو همدردي ۽ قرب آهي. جتي لفظ بہ نوان آهن ۽ ڳالهيون بہ نيون آهن.

ان استري کان پڇيائين، ”ساٿيءَ جي معنيٰ ياءُ آهي نہ؟“

”نہ.“

”تڏهن ڪهڙي معنيٰ آهي.“ سرگم پڇيو.

”جيڪو ساٿ ڏئي، ڏک سک ۾ مدد ڏئي، ان کي ساٿي چئبو آهي.“ استريءَ چيو.

”ڏس ٻار، تون ڏاڍو ٿڪل آهين. ٿورو آرام ڪر. بُک لڳي اٿيئي؟“

۽ سرگم جڏهن ها ڪئي، تڏهن هن کي ماني کارائي ويئي. وري ٻيو دفعو ڪير پياريو ويس ۽ سرگم سوچڻ لڳو: هي ڪهڙا ماڻهو آهن. وڏا آهن. تڏهن بہ مون کي مارين نٿا. پيار ڪن ٿا. گاريون نٿا ڏين. مون کي ڪتو گڏهہ ڪجهہ بہ نہ نٿا چون... هو ساٿي آهن... هو مدد ڪندا آهن... واهہ.... اج مون کي ڪيترو نہ آنند اچي رهيو آهي. پر منهنجي پيڻ بينا...“

هڪ مزدور ان استري کي چيو ”سمترا ديوي گاڏي اچي ويئي آهي، ڳوٺ ويندا؟“

سمترا ديوي بدلاپور پاسي هڪ ڳوٺ ۾ رهندي هئي. پڙهيل ڳڙهيل هئي. هن پنهنجي زندگي مزورن جي شيوا ۾ ارپڻ ڪئي هئي. هن جو مڙس بہ عوام جو شيواداري هو ۽ هو بہ جدا جدا بستين ۾ پٽڪندو هو. ٻنهي جي ملاقات يا دفتر ۾ ٿيندي هئي يا گهر ۾. هن جو مڙس ڪتاب لکندو هو ۽ ان مان جو ڪجهہ ڪمائيندو هو، ان مان گهر هلائيندو هو.

هاڻ دفتر جي ٻاهران ڏٻي گاڏي اچي بيٺي هئي. سمترا مزورن جي شيوا يا انهن سان ڳوٺ ڳوٺ ۾ گڏجڻ لاءِ اڪثر ڏٻي گاڏيءَ ۾ ئي ايندي ويندي هئي.

سمترا ديويءَ سرگم کي شال اوڍي اچي ڏٻي گاڏيءَ ۾ وهاريو ۽ گاڏيءَ واري کي هلڻ لاءِ چيو.

دروازي تي بيٺل ساٿين مان ڪن سمترا ديوي کي سلام ڪيو ۽ ڪن نمسڪار ۽ پوءِ سيني مشڪي سرگم ڏانهن نهاريو. سمترا ديويءَ سرگم کان پڇيو ”منهنجي گهر هلندين؟“

سرگم ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هو گاڏيءَ ۾ ليٽي اکيون ٻوٽي سوچي رهيو هو. هوا تہ ٿڌي لڳي رهي هئي، پر هن کي گرم شال اوڍيل هئي. ان ڪري ٿڌي هوا کيس بيحد وڻي رهي هئي. سندس پيٽ پريل هو ۽ چڱو ڪير پيتو هئائين ان ڪري بدن ۾ طاقت ۽ مغز ۾ فرحت محسوس ڪري رهيو هو.

ڏٻن جي ڳچيءَ ۾ پيل گهنگرن ۽ گاڏيءَ جي ڦيٿن جي منن چيچاٽن هوا ۾ بيتن جهڙو مزو ٿي پيري چڙهيو ۽ سرگم ائين محسوس ڪرڻ لڳو تہ هو ڪوئي گيت ٻڌي رهيو آهي. تہ ڪوئي جڻ هن جي پاسي ۾ ڳائي وينو. ڳائي هن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪري وينو. هن کي ننڊ تہ اچي ٿي، پر هو

سوچي ويٺو تہ ڀڳوان ھڪ بيت تہ ڪونھي... ٿڌي ھوا ھجي ۽ ڏڳن جي ڳچيءَ ۾ گھنگرون ھجي... ڪجھہ ننڊ ھجي ۽ ڪجھہ جاڳ ھجي... ڪٿي ليٽيو پيو ھججي ۽ ڪوئي اکيان ڇڪيندو پيو وڃي... اھي سڀ جڏھن ھڪ ھنڌ ملن ٿا، تڏھن ھڪ بيت ٺھي ٿو. اُھو بيت جنھن ۾ سرڳ جھڙو مزو آھي... سرڳ ۾ ماڪيءَ جون نديون! تہ ماڻھو سنان بہ ڪير سان ڪندا ھوندا ڇا؟ فائدو... سونيون پينگھون ڇا ڪبيون... ھٽن ۾ ڳنن جا نشان ٿي ويندا... مزو تہ ان ۾ آھي تہ سڀ ھڪٻئي جا مددگار ھجن. ماني ھجي. ڪير ھجي. قرب ھجي. مسافري ھجي. ھوا ھجي ۽ سچ ڳالھائڻ جي آزادي ھجي... ھتي اھو سڀ آھي ۽ ان ڪري سچو سرڳ اھوئي آھي...

ھن کي ننڊ اچڻ لڳي ۽ سمترا ديويءَ ھن کي پنھنجي گود ۾ ليٽائي ڇڏيو. ٿوري دير بعد سمترا ديوي پڇيس، ”ڪيل تي ھلندين؟ ڪيل جو نالو آھي ڀڳوان سري ڪرشن.“

سرگم اٿي ويٺو چيائين، ”ڀڳوان ڀڳوان!! ڪٿي آھي ڀڳوان؟...“

”ڇو ڇا ٿيو؟“ سمترا ديويءَ پڇيو.

”سرگم ڪو بہ جواب نہ ڏيئي سئنيما گھر جي ٻاھران لڳل ڪرشن جي فوٽي کي جاچي ڏسڻ لڳو. ھن دل ۾ چيو: اڄ رات جو گھر مان ڀڄي نڪرندس. توکي مزو ڏيکاريندس. ڀڳوان.“

۽ پوءِ وري سمترا ديويءَ جي گود ۾ سمھي پيو.

## باب يارهون

# ديوتائن سان لڙائي ۽ واپسي

اڌ ڪلاڪ بعد سمترا پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچي ويئي. سرگم کي ننڊ هئي. سمترا جو پتي جهوپڙيءَ جي ٻاهران ويٺو هو. سرگم کي ڏسي سمترا کان هڪ اڌ سوال ڪيائين، پر سمترا کيس ٻڌايو ته هو هڪ باغي ٻار آهي. هن جي دماغ ۾ هڪ عجيب غصو آهي. اسان کي اسٽيشن تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ مليو.

ڪجهه اڳيرو درياهه هوهي رهيو هو. ان جي پاڻيءَ جي گهر گهراهٽ، وايومنڊل ۾ سنگيت ڀري ڇڏيو هو. سرگم کي الڳ کٽ تي سمهاريو ويو ۽ پوءِ پتي پتني هڪ ٻئي کي سڄي ڏينهن جو حال احوال ڏيڻ لڳا.

وقت گذرندو رهيو. آڌي رات جو سرگم جي اک پنهنجو پاڻ کلي ويئي ۽ هو شال مٿان ڪمبل ويڙهي جهوپڙيءَ مان آهستي آهستي ٻاهر نڪتو. هوا بلڪل ٿڌي ۽ درياهه جو آواز بلڪل مٺو هو. چنڊ به شايد ان ئي وقت نڪتو هو. سرگم چنڊ ڏانهن نهاريو. هن جي نظر سڄي آسمان ڏانهن ڦهلجي ويئي ۽ هن محسوس ڪيو ته آسمان مان ڄڻ ڪوئي کيس نهاري رهيو هو.

هو ٿورو پويان هٽي ويو.

”ڊپ؟ مون کي! ڪنهن کان؟“ هن سوچيو.

هن کيسي مان ڪپ ڪڍيو ۽ آهستي چيو ”اچ، لهي آءُ زمين تي.“

ڄڻ ڪنهن نديءَ ڪناري تان چيو ”مان هتي آهيان.“

سرگم ڪپ کي قابو جهلي اوڏانهن وڌيو.

”ڪٿي آهين؟“ سرگم پڇيو.

”ڏسين نٿو!“

”نہ.“

”مان تنهنجي دل ۾ آهيان.“

”پر تون ڪير آهين؟“

”جنهن کي تون ڪپ ڪولي ڳولهي رهيو آهين.“

سرگم وائڙو ٿي ويو. هن اُن رات جي ريلي، ائين بہ محسوس ڪيو تہ ٿڌي هوا، اڪيلائي ۽ چانڊوڪيءَ ۾ هو ڪجهہ بدلجي ويو آهي.

”تہ تون ڀڳوان آهين.“

پر هاڻ ڪيس جواب نہ مليو.

سرگم درياهہ ڏانهن نهاريو. درياهہ وهي رهيو هو ۽ سرگم جي بہ خيالن جي ڌارا ڇٽي نڪتي. سرگم سوچڻ لڳو ”ماڻهوءَ کي مرڻ کان پوءِ جلايو ويندو آهي. جلائي ان جي رک کي درياهہ ۾ وڌو ويندو آهي. ڇا درياهہ مان ئي سرڳ جو رستو آهي؟... پر سائين چوندو آهي تہ سڀ نديون سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪنديون آهن... تہ ڇا سرڳ سمنڊ ۾ آهي؟ سمنڊ ۾ تہ جهاز هوندا آهن ۽ ٻيڙيون هونديون آهن. ڇا اهي جهاز ۽ ٻيڙيون سرڳ ڏانهن وينديون آهن... مان جيڪڏهن مڃي هجان تہ ڪهڙو نہ سُٺو... جيڪر سڌو سمنڊ ڏانهن لڙندو وڃان...

سرگم کي ٿڌ لڳڻ لڳي. هن جو سڄو بدن برف جهڙو ٿڌو ٿيڻ لڳو. سرگم ڏٺو تہ هو وڌيڪ سوچي نٿو سگهي ۽ سڄو ڏڪي رهيو آهي. پر ڏڪندي بہ هن فيصلو ڪيو تہ مان اجا وڌيڪ سوچيندس... ڀلا ٿڌ سبب مان مري وڃان تہ؟... تہ سرڳ جي ڳولها ڪير ڪندو ۽ مان تہ ڀڳوان سان لڙندس. مان نٿو چاهيان تہ ماڻهن کي دک ڏنو وڃي...پر نہ، مان نہ مرندس. مرڻ کان پوءِ تہ هرڪو سرڳ يا نرڳ ۾ ويندو آهي، پر مان بنا مرڻ جي اوڏانهن ويندس. ڳالهہ اهڙي ڪجي جهڙي ٻيو ڪير نہ ڪري سگهندو هجي... هتي ٿڌ ۾ مرڻ مان ڪهڙو فائدو... مان جيڪڏهن مري ويندس تہ بينا جي حياتيءَ لاءِ ٻين ماڻهن جي سک لاءِ ڀڳوان سان ڪير لڙندو؟...

۽ پوءِ هو واپس موٽيو رستي تي ڪيس ڪتي جي ڏاڍي ياد آئي. جهوپڙيءَ ۾ پهچي هو کٽ تي وڃي ليٽيو ۽ ڪيس يڪدم ننڊ وٺي ويئي.

ان رات هن خواب ڏٺو

ڏنائين، سندس دوست ڪتو سو ڪن ٻين ڪتن ۽ گڏهن سان هن ڪي سڏ ويٺو ڪري ۽ سرگم جڏهن ڪتي وٽ ويو تہ ڪتي چيس، ”اڄ تہ سرڳ تي ڪاهہ ڪريون. ڏس گڏهن جي پٺين تي گلاب جا گل ۽ موريون آهن.“

سرگم چيس، ”هل.“

سرگم اڳيان ۽ ڪتا ۽ گڏهہ هن جي پٺيان هلڻ لڳا. پهرين درياهہ وٽ آيا ۽ پوءِ درياهہ جو ڪپ وٺي اڳيان وڌيا. صبح ٿيڻ تائين هو سمنڊ تائين پهچي ويا ۽ پوءِ سڌو سمنڊ ۾ ڪاهي پيا.

سمنڊ جي اندر هڪ سهڻو شهر هو. شهر ۾ سنگمرمر جون جڳهون ۽ شيشي جا رستا هئا. شهر ۾ ٻنهي پاسن کان ٻہ نديون هيون. هڪ کير جي ندي هئي ۽ ٻي ماکيءَ جي. شهر ۾ مندر تمام گهڻا هئا، جن مان گهنڊن جا آواز اچي رهيا هئا. ڪٿي ناچ گانا هئا، ڪٿي بگيہ هون، پاٺ پوڄائون ۽ ڪٿي راس ليلائون لڳيون پيون هيون...

سرگم پنهنجي فوج کي حڪم ڏنو تہ حملو شروع ڪريو.

ڪتن ۽ گڏهن پنهنجي خوفناڪ آوازن سان سرڳواسين کي ڏڪائي ڇڏيو. ماڻهو ناچ گانا وغيره ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. سڄي سرڳ ۾ هاهاڪار مچي ويو. ڪي ديوتائون لٺيون کڻي سرگم جي فوج تي ڪاهي آيا. زبردست لڙائي لڳي. جيڪڏهن ڪنهن ديوتا ڪنهن ڪتي کي لٺ ٿي هنئين تہ يڪدم ڪنهن گڏهہ ان کي اِٽ ٿي هنئين ۽ جيڪڏهن ڪنهن ديوتا ڪنهن گڏهہ کي لٺ ٿي هنئين تہ يڪدم ڪنهن ڪتي ان کي ٽنگ ۾ چڪ ٿي پاتو. لڙائيءَ ۾ سرگم کٽيو. ديوتائون لڙائيءَ مان منڊڪائيندا ڀڄندا ويا. سرگم جي فوج مان ڪيترائي ڪتا ۽ گڏهہ زخمي ٿيا. موريون ۽ گل پٽ تي ڪري پيا، جي گڏهہ کائڻ لڳا.

سرگم يڪدم سرڳ جي دربار ۾ ڪاهي ويو. دربار ۾ وشنو ڀڳوان، لڪشمي ديويءَ سان ويٺو هو. ٻين جڳهين تي شو مهراج، برهما، ٻڌ، گرونانڪ، مهاتما گانڌي ۽ دنيا جا ٻيا ڪيترا وڏا ماڻهو ويٺا هئا.

سرگم ڪيسي مان ڪپ ڪڍي چيو ”ڀڳوان ٻڌاءِ، بينا جي حياتي بچائين ٿو؟“

ڀڳوان چيو ”پائي، مون تہ تنهنجو امتحان ٿي ورتو. تون سچ پچ بهادر آهين. جيڪو انسان بهادري ڏيکاريندو آهي، سچ ڳالهائيندو آهي ۽ غريبن

جي مدد ڪندو آهي، مان ان ڪي پيار ڪندو آهيان. تون سچ پچ سچار آهين. بهادر آهين. وڃ، دنيا ڪي چئه وڃي تہ منهنجي مورت جي پوڄا ڪرڻ جي بدران منهنجي صلاحن جي پوئواري ڪن. دک سک ۾ هڪ ٻئي ڪي مدد ڪن. ڪجھ تياڳ ڀاونا رکن. لڙائي جهڳڙي کان پري رهن. سرگم جڏهن اڄ رات جو تون ۽ ڊڳي گاڏيءَ ۾ آئين ٿي، تڏهن تو اهو ٿي سوچيو تہ جيڪر دنيا ۾ هر ڪو هڪ ٻئي جو مددگار هجي. ماني هجي، ڪير هجي، هوا ۽ سچ ڳالهائڻ جي آزادي هجي... ها، جتي اهو سڀ آهي، صرف اتي سچو سرڳ آهي. تون وڃ واپس پنهنجي گهر وڃ. ڏس، بينا نيڪ آهي نہ... پوءِ تون پنهنجي پيڻ سان گڏ، ٻيا بہ ڇوڪرا ڇوڪريون گڏ ڪري دنيا کي سرڳ بڻائڻ جي ڪوشش ڪج. سچو سرڳ اهو آهي، جتي ماڻهو ايمانداريءَ سان محنت ڪن ٿا ۽ محنت جو منو ڦل کائي حياتي سُک سان گذارين ٿا. وڃ سرگم تون واپس وڃ.“

۽ خواب پورو ٿي ويو. ائين تہ رات بہ پوري ٿي ويئي. سرگم ننڍ مان اٿي سمترا ديوي ۽ هن جي گهوٽ کي پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ رات وارو سپنو ٻڌايو. ٻئي زال مڙس عجب ۾ پئجي ويا. ۽ سرگم جي چوڻ تي هو ڊڳي گاڏيءَ ۾ ڪيس گهر ڏانهن وٺي هلڻ لڳا. سرگم کي پڪ ٿي ويئي تہ بينا ضرور زنده هوندي

رستي تي هن سمترا ديويءَ جي گهوٽ کان پڇيو ”خواب سچا ٿيندا آهن؟“

سمترا ديويءَ جي گهوٽ چيو ”جهڙا ماڻهوءَ جا خيال هوندا آهن، ماڻهو خواب بہ اهڙا ڏسندو آهي. سٺن خيالن وارن کي سٺا خواب ايندا آهن. تون سچار آهين نہ، تڏهن تنهنجو اِهو سپنو ضرور سچو نڪرندو.“

”توهان ڀڳوان کي مڃيندا آهيو؟“ سرگم ٻيو سوال ڪيس.

”ها“. سمترا ديويءَ جي پتيءَ چيو ”مون کي خبر آهي تہ ڀڳوان اُن شڪتيءَ جو نالو آهي. جنهن هن مخلوقات کي خلقيو آهي. هيءَ سڄي سرشٽي ڪن قائدن تي ٻڌل هلي. سشٽي کي هلائڻ واري تہ هڪ ئي شڪتي آهي، پر اها اسان کي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ڪائيءَ ۾ باه هميشہ هوندي آهي، پر ڏسن ۾ نہ ايندي آهي کير ۾ مکڻ هميشہ هوندو آهي، پر اهو بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. ان شڪتيءَ کي پائڻ ڪانپوءِ ئي سري رام ڀڳوان ٿي ويو. سري ڪرشن ڀڳوان ٿي ويو. تون گوتم ٻڌ، گرو نانڪ ۽ مهاتما گانڌيءَ کي بہ ڀڳوان چئي سگهين ٿو. تپسيا جي معنيٰ رڳو پلٿي ماري ويهڻ ڪونهي. سچ

ڳالهائڻ ۾ ٻين جي فائدن لاءِ پنهنجن فائدن جو تياڳ ڪرڻ بہ تپسيا آهي. جيڪي ماڻهو ظلم ڪن ٿا, انهن کي جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ ان شڪتيءَ کي پائڻ تمام ضروري آهي.“

سرگم چپ چاپ ٻڌندو رهيو.

آخر هن جو گهر اچي ويو. هو گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي سڌو پنهنجي گهر ڏوڪي ويو. يڪدم سوال ڪيائين, ”بينا جيئري آهي نہ...“

بينا مرڻ کان بچي ويئي هئي, الائي دوائن جو اثر هو الائي ڪنهن جي دعائن جو. يا شايد اهو اثر هجيس جو جڏهن هن کي ماءُ چيو تہ سرگم ناناڻي گهر ويو آهي ۽ جڏهن تون چاڪ ٿي اوڏانهن ويندينءَ تڏهن ئي سرگم هتي ايندو. تڏهن هن چيو هو: پاپي مان ضرور چاڪ ٿينديس. پاپي مان ڪا نہ مرنديس. پاپي مان سرگم لاءِ جيئري رهنديس. يا شايد دوائن, دعائن ۽ سندس پختي ارادي تنهن جو اثر ٿيو هجي.

هوءَ اجا ڪجهہ بيمار هئي, هن چيو ”ناناڻي گهر مان اچي وئين سرگم.“

سرگم کلي چيو ”ناناڻي گهر مان ويو ئي ڪٿي هئس.“

سرگم ماءُ ۽ پيءُ, جي ٻئي اُباڻڪا وينا هئا, تن پٺ کي ڏسي اچي هنج ۾ ڪنيو. ماڻهس روئي چوڻ لڳي ”ڏسو تہ ٻن ڏينهن ۾ ڪيترو نہ ڳري ويو آهي“.

پاڙي جا ماڻهو جمع ٿيندا رهيا. سرگم پيءُ سمترا ديويءَ ۾ هن جي گهوٽ کي دروازي تي ڏسي کين اندر اچڻ لاءِ چيو.

سرگم چي, ”دادا توهان هُنن کي سڃاڻو. هو ساٿي آهن.“

سرگم پيءُ کلي چيو ”پلا ماڻهو هميشہ سڄي دنيا جا ساٿي ٿيندا آهن پٽ“.

۽ سرگم جڏهن پنهنجي آڪاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي تڏهن هن جي ماءُ, هن کي هنج ۾ ڪٽي چيو ”صدقي وڃان پنهنجي لال تان. پٽ هاڻ مان توکي ڪڏهن بہ ڪا نہ ماريندس. ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ چونديس.“

سرگم سمترا ديويءَ ڏانهن منهن ڪري چيو ”ديوي سرڳ تہ اسان جي بہ گهر ۾ آهي. ڏس هتي رڳو پريم ئي پريم آهي.“

سمترا ديويءَ مشڪي ڪنڌ لوڏيو ۽ هوءَ اُٿي وڃي بينا جي پاسي ۾ ويٺي.